ماهوار
# بيداري
حيدرآباد

شمارو:- - فيبروري- مارچ 2024
قيمت: ٢٥رپيا

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03463216078

مجلسِ ادارت
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| رمضان جي برڪتن ڀرئي مهيني جي تياري | آمنه حامد زبيدي | ٢ |
| عقليت پرستيءَ سان وجود ۾ ايندڙ<br>مادي تهذيب ۽ ان جي اثرن کان بچاءَ جي صورت | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ٥ |
| ذهانت جڏهن قلب جي تابع<br>ٿئي ٿي ته معاشري ۾ تحرڪ برپا ٿئي ٿو | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ٨ |
| معاشرتي ۽ ذاتي اصلاح<br>جديد انسان جي توجه جي لاءِ | آمنه حامد زبيدي | ١٠ |
| منصوره تاريخ ۽ تحقيق جي آئيني ۾ | علي اڪبر راهمون | ٢٦ |
| خود کان خدا تائين | محمد موسيٰ ڀٽو<br>آمنه حامد زبيدي | ٣٥ |
| نفس جي سڌاري جو طريقو<br>۽ زندگيءَ جو دستور العمل | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عبدالغني دايو | ٤٤ |
| اسلام بابت شڪ شبها<br>۽ انهن جا جواب | محمد موسيٰ ڀٽو | ٦٢ |




آمنه حامد زبيدي

# رمضان جي برڪتن ڀرئي مهيني جي تياري

اڄڪلهه تقريبا هر گهر ۾ رمضان جي استقبال جون تياريون ٿي رهيون آهن، ڪٿي ريفريجريٽر جي صفائي ٿي رهي آهي، ته ڪٿي وري ڪاڏي جون ڪجهه شيون ٺاهي فريز ڪيون ٿيون وڃن، گهرن کي صاف ڪيو ٿو وڃي، هر ڪو ئي پنهنجي طريقي سان رمضان جي لاءِ تياري ۾ مصروف آهي، ڪوشش اها آهي ته گهڻا ڪم اڳواٽ ڪري رکون ته جيئن رمضان ۾ وقت بچي پوي ، سٺي ڳالهه آهي، پر هڪڙي اهم ڳالهه جنهن ڏانهن اسان جو ڌيان نٿو وڃي، اها هي ته "پنهنجي دل جي به صفائي ڪرڻ گهرجي." اهڙي دل سان اسان رمضان ۾ داخل ٿيون، جيڪا صاف ۽ شفاف هجي، جنهن ۾ ڪنهن جي به خلاف ڪينو ۽ ڪدورت نه هجي، جيڪا الله تعاليٰ کي پسند اچي، ان کي راضي ڪري.

جنهن دل ۾ گندگي ۽ ميراڻ هوندي، جنهن ۾ ٻين جي لاءِ شڪوا ۽ شڪايتون هونديون ته ان دل سان رمضان جهڙي پاڪيزه مهيني ۾ اهو ڪجهه ڪيئن حاصل ڪري سگهندا سين، جيڪو اسان چاهيون ٿا، دل جي صفائي جي لاءِ ضروري آهي ته ڪجهه وقت لاءِ نويڪلائيءَ ۾ ويهي هن ڳالهه تي ويچار ڪريون ته جنهن جنهن اسان جي دل ڏڪائي آهي، يا اسان سان زيادتي ڪئي آهي، انهن کي معاف ڪري ڇڏيون، پلي اهي معافي نه گهرن ته به اسان پنهنجي دل کي صاف ڪري ڇڏيون، ڪينو ۽ بغض دل مان ڪڍي ڇڏيون، نفرت ۽ بدگماني کي دل مان ڪيون ۽ حسد، تڪبر ۽ وڏائي جهڙن جذبن کان دل کي پاڪ ڪريون، انهيءَ جي لاءِ تمام ضروري آهي ته چڱي طرح سوچي سمجهي، سچي دل سان ٻين کي معاف ڪري دل صاف ڪريون، صرف اهو ڪافي ناهي، جو سرسري نموني سان اهو چئجي ته ها، مون معاف ڪري ڇڏيو ، بلڪه غور ڪجي ته ڪنهن ڪنهن جي خلاف منهنجي

دل ۾ رنجش آهي، جنهن منهنجي دل کي ميرو ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ايئن نه ٿئي ته منهن جي عبادت قبول نه ٿئي، يا منهنجي معافي نه ٿئي؟ يا رمضان جي رحمتن کان محروم رهان.

الله تعاليٰ جا اڻ ڳڻت احسان ۽ ڪروڙين ڪرم آهن، جنهن اسان کي هن حياتيءَ ۾ هڪ ڀيو رمضان گذارڻ جو موقعو عطا فرمايو آهي، حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن شعبان جي مهيني ۾ ڪثرت سان روزا رکڻ فرمائيندا هئا، اسان کي به پاڻ سڳورن جي هن سنت تي عمل ڪرڻ گهرجي، ثواب کان علاوه ان جو ٻيو اهو فائدو آهي، جو اڳواٽ روزن جي عادت جي سبب رمضان ۾ روزا رکڻ ڏکيا نه لڳندا .

ان فرد جي لاءِ خوش نصيبي جي ڳالهه آهي جنهن کي صحت جي سلامتيءَ سان رمضان جا سڀ روزا رکڻ نصيب ٿين، هن دعا سان اهو رمضان شروع ڪرڻو آهي ته الله تعاليٰ رمضان جي رحمتن ۽ برڪتن سان اسان کي فيضياب فرمائي ، الله تبارڪ وتعاليٰ هن مهيني کي اسان جي لاءِ گهڻو بابرڪت بڻائي ۽ اسان گنهگارن جي بخشش جو ذريعو بڻائي.

رمضان ۾ سحري ۽ افطاريءَ ۾ ڪاڌا پچائڻ جو اهتمام ڪرڻ کان وڌيڪ روزن جي صحيح طور ادائيگيءَ جو اهتمام ڪرڻ گهرجي، ان کان سواءِ نماز، تلاوتِ قرآن، استغفار، درود واذڪار ۽ وڌ کان وڌ نفلي عبادتن جو اهتمام ڪرڻ گهرجي، روزي جي حالت ۾ ٻين جي گلا غيبت، عيب جوئي ۽ بهتان تراشي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

صدقو ، خيرات، غريبن سان همدردي وارو سلوڪ ، پاڙيسرين جي خبرگيري، مطلب ته ڪابه نيڪي هٿان نه وڃائجي، رمضان جون راتيون ۽ ڏينهن رحمت سان ڀريل ۽ پرنور آهن، ڇو ته هن مهيني ۾ شيطان قيد ڪيو ٿو وڃي، لهذا، هر گهڙي بابرڪت آهي، عبادت سان گڏ اها اميد رکڻي آهي ته الله ڪري اهو رمضان اسان جي بخشش جو ذريعو بڻجي. اهو سمجهي خوب عبادت ڪريون ته ٿي



سگهي ٿو ڀيو رمضان اسان جي نصيب ۾ نه هجي ۽ اسان جي زندگيءَ جو اهو آخري رمضان هجي.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

# عقليت پرستيءَ سان وجود ۾ ايندڙ
# مادي تهذيب ۽ ان جي اثرن کان
# بچاءَ جي صورت

موجوده دور عقليت پرستي، سيڪيولرزم ۽ جديديت جو دور آهي، اها عقليت پرستي ئي آهي جنهن سان ماديت پسند تهذيب وجود ۾ آئي آهي، ماده پرست تهذيب جي بنياد سيڪيولر نظرين تي آهي، جنهن جي تحت مادي طرز فڪر ۽ مادي طرز عمل زندگيءَ جو نصب العين بڻجي ٿو وڃي.

زندگيءَ کي مادي اعتبار سان بهتر بنائڻ ۽ دنياوي حياتيءَ کي ئي حرف آخر سمجهڻ، نفس جي يرغمال شده عقل کي معبود بنائڻ، خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ راتو ڏينهن محنت ڪرڻ، انهن دنياوي سرگرمين کان منهن موڙي آخرت جي زندگي جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪا ڳڻتي ۽ فڪر نه ڪرڻ، قومي، اجتماعي ۽ رياستي معاملن کي عقل جي ذريعي طئي ڪرڻ، دين کي مسترد ڪرڻ، مذهب کي ڪجهه رسمن جي ادائيگي تائين محدود سمجهڻ، عورت جي آزادي ۽ ان جي حسن مان لطف اندوز ٿيڻ کي فطري تقاضا سمجهڻ وغيره وغيره . اهي سموريون شيون عقليت پرستي تي مبني سيڪيولرازم جو حصو آهن ۽ ان جا اثر ۽ نتيجا پڻ .

عقليت پرستي سان وجود ۾ اچڻ واري تهذيب جو مرڪز مغرب رهيو آهي سڀ کان اڳ مغرب ۾ مادي تهذيب اجتماعي، قومي ۽ رياستي زندگيءَ کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو ، جتي معاشرتي ۽ خانداني زندگي متاثر ٿي ۽ نفسياتي بيمارين وبا جي صورت اختيار ڪئي، اتي خود غرضي ۽ احساسِ اڪيلائي جي بيماري ڪر کنيو آهي، دنياوي فاصلا گهٽجي وڃڻ ۽ جديد تعليم ۽ سوشل ميڊيا جديديت جي هن طوفان کي همه گير بڻايو آهي، جنهن سبب مسلم امت به هن



طوفاني وهڪري ۾ اچي وئي ۽ اسان جي نئين نسل به مادي طرز فڪر جي حامل ٿيڻ لڳي آهي.

عقليت پرستيءَ سان وجود ۾ ايندڙ مادي تهذيب جتي به ايندي، اتي خود غرضي ، دنيا تي فدا ٿيڻ واري روش، هڪٻئي کان اڳتي نڪرڻ جي ڊوڙ ، جنسي آزادي، ذهني دٻاؤ ، اضطراب ۽ بيقراري ۾ اضافو ٿيندو .

اها به هڪ اهم حقيقت آهي ته جتي به دين ۽ مذهب جي گرفت هلڪي ٿيندي اتي جديديت تي مبني مادي تهذيب غلبو ڪندي، جنهن سان انساني رشتا ناطا منتشر ٿيندا، محبتون ختم ٿي وينديون، تعلقات رڳو مفاد جي بنياد تي جوڙيا ويندا، حيواني نوعيت جو طرز عمل عام ٿي ويندو . هن مادي تهذيب جو رستو روڪڻ لاءِ ديني مدرسا ۽ خانقاهون اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن پر مادي تهذيب جيئن ته نفساني قوتن کي اپاري ٿي ۽ نفس جي قوت انتهائي طاقتور آهي، ان ڪري مدرسا ۽ خانقاهون به مادي تهذيب جي اثرات جي زد ۾ آهن ، مادي تهذيب جو مقابلو ته "الله جي نالي جو ڪثرت سان ذڪر" ئي ڪري سگهي ٿو ، ٻي ڪنهن شئي ۾ طاقت ناهي جو ان جو توڙ ڪري سگهي، هن دؤر ۾ الله جو نالو ئي آهي، جنهن جي ذڪر جون صدائون ۽ تڪرار گهٽجي وئي آهي، الله جي نالي جي تڪرار سان پيدا ٿيڻ وارو نور جيترو گهٽ ٿيندو ويندو ، ان حساب سان ظلمات ۽ اونداهي وڌندي ويندي، ۽ ماديت ۽ نفس پرستيءَ جون قوتون افراد ۽ معاشري جو گهيراءُ ڪري وٺنديون سيڪيولرزم تي مبني معاشرو قابل رحم هوندو آهي، چو ته اتي ماڻهن جي ڏک درد ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ان کي روحاني طور تي سهارو ڏيڻ وارو ڪوئي ناهي هوندو ، هر ماڻهو حيران ۽ پريشان هوندو آهي، ان کي روحانيت جي خلاء کي پرڻ وارا سڀ رستا بند ٿا ملن.

مادي تهذيب ۾ پوڙهي ماءُ پيءُ جي لاءِ اولڊ هائوس ٺا هجن، جتي هو اولاد جي محبت کان محروم ٿي ڏکن واري زندگي گذاري مري ٿا وڃن.

مادي تهذيب سوشل ميڊيا جي ذريعي انسانيت جو اهڙي طرح محاصرو ڪري ڇڏيو آهي جو هاڻي اهو ڏينهن پري نٿو لڳي جو اسان وٽ به پيءُ ماءُ کي به اولڊ هائوس ۾ بي سهارا رهڻ تي مجبور ڪيو ويندو.

ماديت پرست تهذيب جو مقابلو ته طاقتور روحاني تحريڪ جي ذريعي ئي ڪري ٿو سگهجي، ان جي ٻي ڪا به صورت ڪانهي، خدا پرستي تي مبني طاقتور روحاني تحريڪ اسان جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي، ان سان ماڻهن جي ڏکن جي مداوا جي صورت پيدا ٿيندي، ان سان دنيا پرستي ۽ دنياداري جي رجحانات ۾ غيرمعمولي گهٽتائي ايندي، ان سان معاملن ۾ بهتري جي صورت پيدا ٿيندي ۽ الله جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت پيدا ٿيندي.

طاقتور روحاني تحريڪ جي ذريعي دل مان دنيا جي محبت ۽ حرص نڪري ويندي ۽ ٿوري وسائل تي گذارو ڪرڻ جي استعداد پيدا ٿيندي، پر بدقسمتي سان ماده پرست ماحول جا اثرات ايترا غالب ٿي ويندا آهن، جو افراد دنيا جي حب ۽ طلب کي ڇڏي روحاني تحريڪ جو حصو بنجڻ لاءِ، ڪنهن طرح راضي نٿا ٿين، ان کي معاشري سڀ کان وڏو الميو ئي چئبو.



محمد موسيٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

# ذهانت جڏهن قلب جي تابع
# ٿئي ٿي ته معاشري ۾ تحرڪ برپا ٿئي ٿو

معاشري جي بهتر رخ تي تعمير جو ڪم اهڙو آهي جيڪو فرد و افراد جي صلاحيت سان وابسته آهي، معاشرو ۽ رياست جڏهن اخلاقي اعتبار سان تنزلي جو شڪار ٿئي ٿي ته اهو تنزل اصل ۾ ماڻهن جي اخلاقي گراوٽ جو نتيجو هوندو آهي.

معاشري جي تعمير جو ڪم ذهين ۽ باصلاحيت افراد بهتر ۽ موثر طور تي ڪري سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته ڪم عقل ۽ صلاحيتن کان محروم فرد ٻين کي قائل ڪرڻ کان قاصر هوندو آهي، پر ذهين فرد ۾ عام طور تي ڪجهه اهڙيون ڪمزوريون هونديون آهن، جنهن جي ڪري بدقسمتيءَ سان هو معاشري جي اصلاح جي سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ڪمزور هوندو آهي.

ذهين افراد ۾ موجود هنن ڪمزورين جي نشاندهي اهڙي طرح ڪري سگهجي ٿي، هڪڙي ڪمزوري اها آهي ته پنهنجي اصلاح جي بلڪل فڪر نه هجڻ ۽ ٻين جي اصلاح جي ڳڻتي ڪرڻ، يعني پنهنجي اصلاح جي قيمت تي ٻين جي فڪر جو موجود هجڻ آهي، ٻي ڪمزوري گهٽو ڳالهائڻ جي عادت جو هجڻ آهي، جنهن جي ڪري اڪثر ٻيا ماڻهو سندن تنقيد جو نشانو بڻجندا رهندا آهن.

ٽين ڪمزوري گهٽو ميل ميلاپ ۽ رابطي جو مزاج هجڻ آهي، گهٽي ميل جول سان ٻين جي منفي اثرات مزاج جو حصو بنجڻ لڳن ٿا، چوٿين ڪمزوري حقيقت جي دنيا کي نظرانداز ڪري خيالي منصوبا جوڙيندو رهڻ آهي ۽ خيالي منصوبن ۾ پنهنجن صلاحيتن ۽ قيمتي وقت کي وڃائيندو رهڻ آهي، ذهين ماڻهن ۾ موجود آهي ڪمزوريون اصل ۾ هڪڙي ئي وڏي ڪمزوريءَ جو نتيجو آهن، اها ڪمزوري غرور ۽ پنهنجي شخصيت کي ئي حرفِ آخر سمجهڻ جي بيماري آهي.

اهي ڪمزوريون خود احتسابيءَ سان ئي ختم ڪري سگهجن ٿيون. ۽ ان ڪان پوءِ شخصيت ۾ موجود لڪيل صلاحيتون سجاڳ ٿي سگهن ٿيون. ۽ خود احتسابيءَ جي لاءِ مجاهدن جي ضرورت آهي. مجاهدن ڪان سواءِ قلب تي اهي حقائق منڪشف نٿا ٿي سگهن. جنهن سان فرد نفس جي وسيع دنيا جو مشاهدو ڪري سگهي. ۽ نفس جي مڪر و فريب جي واردات ڪي سمجهي سگهي ۽ زندگيءَ جي هر واٽي تي غلط ۽ صحيح جي وچ ۾ فرق ڪي سمجهي سگهي. ذهانت جڏهن قلب جي تابع ٿيندي آهي ته ان سان غير معمولي ڪارناما سرانجام ڏيئي سگهجن ٿا. اهڙا ذهين افراد نه رڳو پنهنجي ذات جي لاءِ غير معمولي طور تي ڪارآمد ثابت ٿيندا آهن. بلڪه اهي معاشري ۾ به تحرڪ برپا ڪري ڇڏيندا آهن.

صرف خودرائي ۽ پنهنجي شخصيت ڪي حرف آخر سمجهڻ جي نفسيات ڪان بلند ٿيڻ جي ضرورت آهي. مسلمان هئڻ جي حيثيت سان اسان جي لاءِ قرآن ۽ سنت جي به اها ئي تعليم آهي ته خود احتسابي ڪان ڪم وٺي الله جي معرفت حاصل ڪريو. الله جي اها معرفت ذڪر و فڪر ۽ مخلصانه عبادت جي ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ صحبت صالحه جو ماحول ان ۾ غير معمولي مددگار ثابت ٿئي ٿو. مخلصانه عبادت ۽ ذڪر وفڪر مقصود به آهي ته ان سان گڏ فرد ڪي پاڪيزه اخلاق ۽ سٺي ڪردار جو حامل بنائڻ جو موثر ذريعو پڻ.

آمنه حامد زبيدي



# معاشرتي ۽ ذاتي اصلاح

## جديد انسان جي توجه جي لاءِ

### تقدير تي ايمان

تقدير تي ايمان، ايمانيات جو جز آهي. ان ڪان سواءِ اسان مسلمان نٿا ٿي سگهون جيستائين اسان جو تقدير تي مڪمل ايمان ناهي. پر وڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو اڄڪلهه گهڻا مسلمان تقدير جي باري ۾ ئي سڀ ڪان وڌيڪ سوال ڪندا فلاڻو ڪم مون ڪي ڪرڻو آهي. يا ناهي ڪرڻو. يا مون ڪي بهشت ۾ وڃڻو آهي يا دوزخ ۾. ته پوءِ مون ڪي عمل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

سڀ ڪان پهرين ته اها ڳالهه ذهن ۾ رکو ته "تقدير" الله تعاليٰ جي علم جو نالو آهي. هن ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه به ٿي چڪو آهي. ٿي رهيو آهي يا ٿيڻ وارو آهي. هر شئي جو علم الله جل شانه ڪي پهرين ڪان ئي هو. ايتري قدر جو قيامت تائين رونما ٿيڻ وارا سڀ واقعا. ويندي اها ڳالهه ٻولهه جيڪا بهشت ۽ دوزخ ۾ داخل ٿيڻ وارن جي پاڻ ۾ ٿيندي. يا وري پل صراط ڪي پار ڪرڻ وقت ڏوهاري انسان اوندهه ڪان گهٻرائجي نيڪوڪار انسانن ڪان نور جي روشني گهرندو. يا وري دوزخين ڪان داروغي جو اهو پڇڻ ته "ڪهڙي ڪارڻ دوزخ ۾ داخل ٿيا آهيو"؟ اهڙيون ڪيئي ڳالهيون قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ بيان فرمائي ڇڏيون آهن. هن مان خبر پوي ٿي ته الله تعاليٰ جو علم ڪيترو عظيم ۽ وسيع آهي. ازلي ۽ ابدي آهي. هڪڙي شئي وجود ۾ ئي نٿي اچي ته به الله تعاليٰ ڪي ان جو علم آهي. ڪو واقعو وقوع پذير ئي نٿو ٿئي ته به الله تعاليٰ ڪي چڱي طرح ان جي خبر آهي. ڇو ته هو عليم ۽ خبير آهي.

قرآن ڪريم ۾ الله جو فرمان آهي ته هر انسان ڪي اهو ئي ملي ٿو جنهن لاءِ هو ڪوشش ٿو ڪري. اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي. محنت ۽ سعي ئي منزل جو تعين ڪندي. مثال طور هڪڙو استاد سڄو سال پنهنجي شاگردن ڪي سٺي طرح پڙهائي ٿو ته ان ڪي اندازو ٿي وڃي ٿو ته امتحان ۾ ڪهڙا شاگرد ڪامياب ٿي

ويندا ۽ ڪهڙا ناڪام، ۽ ايئن ئي ٿئي ٿو ، محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ وارا ڪامياب ٿيندا آهن، ان مان ثابت ٿيو ته سيڪارڻ واري صحيح ۽ غلط جي سڃاڻپ ڏيئي ڇڏي، هاڻي عمل پنهنجو پنهنجو ، استاد جي چوڻ تي ته ڪوئي ناڪام يا ڪامياب نٿو ٿئي. اهڙي طرح الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي مخلوق جي رڳ رڳ مان واقف آهي، ڇا اهو ئي نه ڄاڻندو جنهن خلقيو آهي؟

هن ڳالهه تي يقين رکو ته الله تعاليٰ کي هميشه کان هر ڳالهه جو علم آهي، تقدير ان جو علم آهي، ۽ ٿيندو اهو ئي آهي جيڪو تقدير ۾ هن لکي ڇڏيو ، ذور به هيڏانهن هوڏانهن نٿو ٿئي.

ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي جو اسان تقدير تي يقين تڏهن ڪندا آهيون جڏهن اسان کي دين جي ڳالهين تي عمل ڪرڻو هوندو آهي يا وري الله ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جن جي اطاعت ڪرڻي هوندي آهي.

روزو ، نماز، حج ۽ زڪواة جي ادائيگيءَ جي وقت اهو سوچي سُست ويهي رهڻ ته ، نصيب ۾ لکيل هوندو ته ٿي ويندو ، اهو سڄو شيطاني وسوسو آهي، سعي ۽ ڪوشش هر عمل جي لاءِ ضروري آهي.

معمولي بيماريءَ تي سوچيندا آهيون ڪيئن نماز پڙهون، تقدير ۾ هوندو ته نماز جي ادائيگي ٿي ويندي، ٿڌ ۾ وضو ڪرڻ سان بيماري وڌي نه وڃي ڇا طبيعت جي خرابيءَ جي الله کي خبر ڪانهي ۽ ڇا موت جو وقت مقرر ڪونهي؟ سڄي ڳالهه سچي جذبي ۽ خلوص جي آهي. ڪرڻ جي نيت هجي ته سڀ ڪم سولا ٿا لڳن، موت برحق آهي، اها خبر هوندي به بيمار ٿيڻ تي پنهنجو علاج ڪرائيندا آهيون، چڱي طرح معلوم آهي ته رزق ۽ روزي جيترو مقرر آهي اهو تقدير ۾ لکيل آهي، ان هوندي به نوڪري يا ڪاروبار ڪندا آهيون، پاڻ کي ٿڪائيندا آهيون روزي ڪمائڻ جي لاءِ.

انسان ڄاڻي ٿو ته الله تعاليٰ روزي ڪمائڻ جا رستا ٺاهيا آهن، ان ڪري پاڻ کي پتوڙي ٿو ۽ محنت ٿو ڪري، بيماريءَ جي علاج لاءِ ڊاڪٽرن پويان ڊوڙي ٿو، ايئن هٿ تي هٿ رکي نٿو ويهي رهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته جنهن شئي جو ذمو الله تعاليٰ کنيو آهي يعني رزق ۽ روزي حياتي ۽ موت ته ان جي حصول لاءِ رات



ڏينهن فڪرمند آهيون ۽ جنهن ڳالهه جي ذميداري سراسر اسان تي ڇڏي وئي آهي، يعني آخرت جي ڪاميابي ۽ جنت جو حصول، ان جي ذري برابر به فڪر ۽ ڳڻتي ڪانهي. چڱيءَ طرح خبر آهي ته جنت ۽ جهنم تائين پهچڻ جا رستا ٻڌايا ويا آهن، عمل ۽ ڪوشش کان سواءِ ڪجهه به هٿ حاصل ڪونهي ٿيندو.

اها سڌي سنئين ڳالهه آهي جنهن کي سمجهڻ کان شيطان انسان کي منجهائي ٿو ته"تقدير ته لوح محفوظ ۾ لکجي چڪي آهي هاڻي عمل جي ڪهڙي اهميت؟" اهو وسوسو انسان جي دل ۾ وجهي شيطان ان کي تقدير تي اعتبار جي عقيدي تان ٿيڙي ٿو ڇڏي.

الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## مثبت ۽ منفي سوچ جا اثر

اڪثر ڪري ماڻهو پنهنجي شخصيت جي سڃاڻپ لاءِ ڪڏهن نجوميءَ کي هٿ ڏيکاريندا آهن ۽ ڪڏهن هو روسڪوپ جي مدد وٺندا آهن صرف اهو ڄاڻڻ جي لاءِ ته اسان جو مزاج ڪهڙو آهي، اسان جي قسمت ڪيئن آهي، نصيب ۾ ڇا آهي، پسند ناپسند وغيره.

حالانڪه ٿوري ڪوشش سان اسان چڱي طرح ڄاڻي سگهون ٿا ته اسان ڇا آهيون، اڄ هن ڳالهه تي توجهه ڏيڻي آهي ته اسان ڄاڻون ته اسان جي سوچ ڪهڙي آهي، ڇا منهنجي مثبت سوچ آهي يا منفي؟ ياد رکو ته اهو سڀ انسان جي اندر هوندو آهي، ٻاهر ناهي هوندو ، اڪثر ڪري انسان جو ظاهري رويو مثبت نظر ايندو آهي، پر اندر ۾ منفي سوچ سمايل هوندي آهي، جنهن ڪري سڌي ڳالهه به اونڌي نظر ايندي، جنهن سان به اهڙو فرد ملندو ، ان ۾ خوبين جي بجاءِ خاميون نظر ايندس، ڪنهن کي چوندو ته "ڇا پنهنجو حال ڪري ڇڏيو اٿئي، ڇو ايڏو ڪمزور ٿي ويو آهين؟ ٿي سگهي ٿو ڪمزور نظر اچڻ وارو فرد ذهين ۽ هوشيار هجي، نرم مزاج ۽ رحمدل هجي، ۽ جيڪڏهن ٿلهو ماڻهو آهي ته ان جي صرف ٿولهه ڇو ٿي نظر اچي، ان جي خوش اخلاقي ۽ بردباريءَ کي ڇو نظر انداز ڪيو ٿو وڃي.

هميشھ ڏٺو ويو آهي ته مثبت سوچ واري انسان جو پنهنجي ذات تي ۽ پنهنجي آس پاس وارن تي تمام سٺو اثر پوي ٿو ، ۽ منفي سوچ وارو سدائين ذهني طور مونجهارن جو شڪار ٿو رهي، ۽ معمولي ڳالهه به مزاج جي خلاف ٿي وڃي ته مهينن تائين مايوس ۽ خوشين کان محروم ٿو رهي، ۽ ايئن پنهنجو پاڻ کي بيمار ٿو ڪري ، سدائين اهڙو فرد بهتر مستقبل جي ڳڻتيءَ ۾ پنهنجو حال وڃائي ٿو ڇڏي.

مثبت سوچ وارو ماڻهو خوش مزاج ۽ هشاش بشاش نظر ايندو ، ملڻ وارن تي ان جو سٺو اثر ٿو پوي، ۽ منفي سوچ وارو ماڻهو هر معاملي جي خراب پهلو کي پهرين ڏسندو ۽ ڳڻتين ۾ ڳري ڳري پنهنجي صحت خراب ڪندو آهي، منفي مزاج واري فرد جي اندر مان منفي سوچ ۽ خيالن واريون لهرون نڪري پنهنجي گرد و پيش جي ماحول کي متاثر ڪري ٻوسٽ سان ڀري ڇڏيون ڇڏين، ظاهر آهي جڏهن توهان ملڻ تي ڪنهن کي چوندو ته "ڇا حال ٿي ويو آهي تنهنجو منهن ۾ گهنج، بي ڊنگا ڪپڙا" اهو ٻڌي سامهون واري جو منهن لهي ويندو ، ۽ جڏهن توهان ملڻ ڪانپوءِ ڪنهن کي چوندو ته "تنهنجي مرڪي ملڻ واري عادت مون کي وڻي ٿي ۽ تنهنجي خوش مزاجي مون کي متاثر ڪيو آهي، اهو ٻڌي سامهون واري جي مک تي وري مرڪ اچي ويندي، ايئن سڄو ماحول خوشگوار ٿي ويندو ٻنهي ڳالهين ۾ ڪيڏو فرق آهي.

سموري ماحول کي بدمزگيءَ کان بچائڻ جي لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي اندروني سوچ کي سڌاريون، ملڻ وارن جي خامين کي نظر انداز ڪري، خوبين کي ساراهيون، پنهنجو اصول ٺاهي ڇڏيون ته مون کي هرحال ۾ ٻين جي اندر جي چڱائي کي ڳولي ان جي تعريف ڪرڻي آهي ۽ بري عادت کي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪرڻو آهي، اوهان ڏسندا ته گهڻيون بيماريون ايئن ڪرڻ سان ٺيڪ ٿي ونديون، اسٽريس، ڊپريشن، چڙ ، ڪاوڙ ۽ هاءِ بلڊپريشر جهڙن مرضن کان ڇوٽڪارو ملي ويندو ، دل مطمئن ٿي ويندي ۽ سڪون حاصل ٿيندو.

اوهان ڪجهه ڏينهن لاءِ اهڙو تجربو ڪري ڏسو ، پنهنجي آس پاس وارن سان سٺو ڳالهايو ، انهن جي باري ۾ سٺو سوچيو ، جيڪڏهن اها عادت پڪي ٿي وئي



ته يقين ڄاڻو اوهان جي زندگي خوشگوار ٿي ويندي. الله تعاليٰ اسان جي زندگي کي خوشگوار بڻائي ۽ عاقبت موچاري ڪري.

## آخرت جي تياري

اسان عورتون جڏهن ڪڏهن سفر تي وڃڻ لڳون ته ڪيڏي تياري ڪنديون آهيون، ڪا شئي ڪٿي نه پوي، گرمي، سرديءَ کان بچڻ جو سامان، ڪنگهه، سور ۽ بخار ٺيڪ ڪرڻ جون دوائون ، ايتري قدر جو ڇتري به پاڻ سان کڻي وٺندا آهيون ته ڪٿي برسات نه ٿي پوي ، منزل تي پهچي ڪنهن شئي لاءِ ڏکيائي نه پيش اچي. مطلب ته پنهنجي سامان ۾ ضروري شين کان سواءِ غيرضروري شيون به کڻي وٺندا آهيون ته متان ضرورت پئجي وڃي ته اسان وٽ موجود هجي.

اهڙي طرح اسان وٽ جيڪڏهن ڏهه مهمان اچڻا هوندا آهن ته اسان پندرهن ماڻهن جي ماني ٺاهي وٺندا آهيون ته ڀلي بچي پوي، پر ڪٿي نه ، ته جيئن مهمانن جي اڳيان شرمنده نه ٿيڻو پوي. اهو ڏسو ته هنن معاملن ۾ اسان ڪيڏا نه هوشيار ۽ عقلمند آهيون ته ڪنهن شئي جي گهٽتائي نه ٿي پوي پر اسان پنهنجي آخرت جي معاملي ۾ ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته جڏهن عمل توريا ويندا تڏهن نيڪ عمل بچي پون پر کٽن نه ، اهڙي تياري ڪري هلون جو ٻين جي اڳيان شرمندگيءَ کان بچون، ڪڏهن به نه بس اهو چئي دل کي دلاسو ڏيندا آهيون ته "الله وڏو مهربان آهي پاڻهي بخشيندو" بيشڪ الله غفور الرحيم آهي، پر عملن جو حساب ته ضرور ٿيندو ، ڪراما ڪاتبين هر ننڍي ۽ وڏي عمل کي لکي رکيو آهي.

دل کي تسلي ڏيڻ جا سوين بهانا موجود آهن ، ڪڏهن اهو چئي بي فڪر ٿي ويندا آهيون ته "ٻڌو آهي اها تسبيح پڙهڻ سان ماڻهو سڌو جنت ۾ هليو ويندو ، يا وري فلاڻو عمل ڪرڻ سان بهشت جا باغ ملي ويندا." يا وري، "بس ايترو ئي ڪافي آهي ڪهڙا اسين درويش يا بزرگ آهيون، جو دنيا داري ڇڏي عبادت ۾ لڳي وڃون،" اتي اهو خيال ڇو نٿو اچي ته نيڪ عمل ايترا ڪري وٺون جو آخرت ۾ "بچي پون، پر کٽن نه" گهڻيون نيڪيون هونديون ته فائدو ئي ٿيندو ، حالانڪه آخرت جي منزل جي لاءِ دنيا مان ثمر ساڻ کڻي وڃڻو پوندو آهي، هتي ايئن ڇو نه سوچيندا آهيون ته هي به ڪري وٺان، متان آخرت ۾ ضرورت پوي، ڪا ننڍي

نيڪي به نه ڇڏيان، شايد ڪم اچي، ايئن نه ٿئي جو اتي ڪا ڪمي رهجي وڃي ۽ پريشان ٿيڻو پوي.

ڏنو وڃي ته دنيا ۾ سفر ڪري جتي اسان ڪي وڃڻو هوندو آهي، اتي گهربل هر شئي ملي ٿي، پوءِ به اسان گهر مان بار ڀري کڻي ويندا آهيون ته جيئن تڪليف کان بچي وڃون، پر آخرت واري منزل تي پهچڻ کان پوءِ ڪا خريداري نٿي ڪري سگهجي، صرف اهو ئي ڪم ايندو جيڪو ثمر هتان ساڻ کڻي وڃبو هُتي اهو سودو ملندو ئي ڪو نه ، جيڪو هتان کڻي وڃڻو هو ، پر پوءِ به اسان ڪيڏا بيوقوف ٿي سوچيندا آهيون ته جڏهن اتي وڃبو ته ڏٺو ويندو.

ان مان خبر پوي ٿي ته اسان پنهنجي آخرت جي معاملي ۾ ڪيڏي غلط فهميءَ جا شڪار آهيون، ڪيتري وڏي دوکي ۾ مبتلا آهيون، شيطان جڏهن موت جي تياريءَ کان غافل ڪري ته اهو سوچي سجاڳ ٿيون ته ، دنياوي سفر جي لاءِ ته ايڏيون تياريون ٿي ڪريان ته منزل تي پهچي مونجهاري کان بچي وڃان، ۽ دعوت ۾ وڏيڪ مقدار ۾ کاڌو ٿي پچايان ته جيئن مهمانن جي سامهون شرمندگي نه ٿئي. ۽ آخرت جي سفر جي تياريء کان ايڏي لاپرواهي ۽ غفلت؟ آخرت واري منزل تي نيڪ عمل کٽي پيا ته ڇا ٿيندو ، هُتي ته ڪو به پنهنجي نيڪي ڏيڻ وارو ڪونهي، ان وقت پشيماني ۽ شرمندگي ڪي ڪيئن منهن ڏينديس؟

الله تعاليٰ جي مخلصانه عبادت کان پوءِ دعا ڪرڻ گهرجي ته الله تبارڪ وتعاليٰ اها ڪوشش قبول فرمائي، ڇو ته قبوليت جو انحصار خالص الله تعاليٰ جي فضل وڪرم تي آهي. ڪنهن به نيڪ عمل تي فخر ۽ غرور ڪرڻ کان پاسو ڪجي نه ته عمل جي ضايع ٿي وڃڻ جو خطرو آهي، ۽ خبر ناهي ته ڪنهن وقت معمولي نيڪي به اگهامجي وڃي.

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي

دنياوي سفر جي اختتام تي ملڻ واري موچاري منزل جي اميد به دل ۾ رکجي ۽ رب ذوالجلال جي عظمت جو احساس ۽ ڊپ به دل ۾ محسوس ڪرڻ گهرجي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي چوڻي ته:

ڪَتِ به ڪنب به



## گناه کان بچڻ عبادت ۾ شامل ٿيڻ

جامع ترمذيءَ ۾ شامل هڪڙي حديث مبارڪ جو مفهوم پڙهي سوچن جادروازا کلي ٿا وڃن، تمام پياري حديث شريف آهي، حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "جنهن حرام ڪمن کان پنهنجو پاڻ کي بچايو ، اهو سڀ کان وڌيڪ عبادت گذار شمار ٿيندو." اسان سمجهيو نمازون پڙهي ورتيون ۽ سڀ روزا رکي ڇڏيا ته عبادت جو حق ادا ٿي ويو ، جڏهن ته هن حديث پاڪ مان عبادت جو هڪڙو پيو مفهوم به نڪري ٿو.

عبادت صرف نيڪ عمل ڪرڻ جو نالو نه آهي، برائن کان پاڻ کي بچائي زندگي گذارڻ به عبادت آهي، ڇاڪاڻ ته نيڪيءَ جا ڪم ڪرڻ ته وري به سولا آهن، پر حرام ڪمن کان پاڻ کي بچائڻ تمام ڏکيو آهي، ته نفل پڙهڻ سولو ڪم آهي، پر نظرن جي حفاظت ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، جيئن روزا رکڻ سولو آهي، پر پاڻ کي گلا، غيبت ۽ چغليءَ کان بچائڻ تمام ڏکيو آهي، تهجد پڙهڻ آسان آهي، پر پاڻ کي ڪوڙ ۽ بدزباني کان بچائڻ ڏکيو ڪم آهي، پر هن پاسي ته ڪڏهن ڌيان ئي نٿو وڃي ته حرام ڪمن کان بچڻ به ته عبادت آهي، ۽ اسان هن عبادت کي ته ڪجهه سمجهون ئي نٿا، ۽ ڪجهه رسمي ڪمن کي عبادت جو نالو ڏيئي خوش ٿيندا آهيون ته اسان ڪي وڏا عبادت گذار آهيون.

ڇا ڪڏهن اها ڪوشش ڪئي ته پاڻ کي حرام ڪمن کان بچائڻو آهي، هر ننڍي وڏي برائيءَ کان پاسو ڪرڻو آهي، اها به هڪ عبادت آهي. ته اڄ کان پڪو پهه ڪريون ته هاڻي انشاء الله هن عبادت جو به اهتمام ڪرڻو آهي.

هن حديث پاڪ مان خبر پوي ٿي ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي رحمت بي پايان، بي حد و حساب آهي، ان جي رحمت جي وسعت جو ته ڪاٿو ئي نٿو ڪري سگهجي، اهو ڪيترو رحيم رب آهي، جو هن حرام ڪمن کان بچڻ کي به عبادت قرار ڏيئي ڇڏيو ، نه ته اسان کي ته الله جي منع ڪيل ڪمن کان هرحال ۾ بچڻو ئي هو ، توهان دنيا ۾ پنهنجي استاد جو چيو نه مڃو ته هو توهان کي سزا ڏيندو ، پرنسپل جي ڳالهه نه ٻڌو ته هو اسڪول مان ڪڍي ڇڏيندو ، منسٽر جو حڪم نه مڃڻ تي جيل جي سزا ملي ٿي سگهي، اعليٰ حڪمران جو حڪم نه مڃڻ تي

ملڪ بدر ٿيڻ جو خدشو آهي، ۽ رب ڪائنات جي حڪم عدولي ڪا معمولي ڳالهه آهي، ان جو حڪم ته هونئن به ٽارڻ نه کپي، پر ڏسو هن رحيم رب پنهنجو حڪم نه ٽارڻ وارن جي لاءِ به اجر و ثواب رکي ڇڏيو ۽ ان کي عبادت قرار ڏيئي ڇڏيو ، ته جيئن اسان شوق سان اها عبادت سر انجام ڏيون ۽ ان کي سمجهون ته هن ۾ به ثواب آهي جيڪڏهن اسان برائين کان بچون ۽ گناهن کي ڇڏي ڏيون، اڪثر ڪري اهو سوچي سُست ٿي ويندا آهيون ته سيني گناهن کي ڇڏي ڏيڻ ته ڏاڍو ڏکيو آهي، هر برائيءَ کان ڪيئن ٿا بچي سگهون؟ اهو به ته سوچيو ته جيڪو جيترو حرام ڪمن کان بچندو ، اهو اوترو وڌيڪ عبادت گذار ٿيندو ، توهان پنهنجي لاءِ ڪيترو گهڻو اجر و ثواب گهرو ٿا؟ اهو فيصلو توهان تي آهي. الله تعاليٰ اسان کي توفيق عطا فرمائي ته جيئن اسان انهن سمورن حرام ڪمن کان پاڻ کي بچائي زندگي گذاريون، جن کان اسان کي الله تبارڪ وتعاليٰ منع فرمايو آهي.

## خوش رهڻ جا ڏهه اصول

انسان هجڻ جي ناطي اڄڪلهه هر ڪوئي مونجهارن ۽ پريشانين جو شڪار آهي، اسان سيني سان ڪو نه ڪو مسئلو يا پريشاني لڳل آهي، مسئلا ايترا



وڏي ويا آهن جو انسان انتها تي وڃي سوچڻ لڳو آهي، مثلا ڪاش! آئون پيدا ئي نه ٿيان ها، نه هن دنيا ۾ هجان ها ۽ نه مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ها. اها علامت آهي مايوسي ۽ نااميديءَ جي، حالانڪه مايوسي گناهه آهي.

اها هڪ حقيقت آهي ته اڄڪلهه پنهنجي چوڌاري جون حالتون، دنياوي حادثا ۽ ملڪي مسئلا ماڻهوءَ کي ايڏو پريشان ٿا ڪن جو هر فرد ذهني مريض ٿو بڻجي وڃي ۽ ڪيس سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن صورتحال مان ڪيئن نڪرجي؟

ماهرن جو چوڻ آهي ته انسان جو پنهنجي گرد و پيش جي حالات تي ڏهه فيصد ڪنٽرول هوندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي خوش رکڻ تي نوي فيصد اختيار هوندو آهي، سوال آهي ته ڪيئن خوش رهجي؟ خوش رهڻ جا گهڻا ئي آسان طريقا آهن، سڀ کان پهرين ته توهان انهن نعمتن کي شمار ڪريو ، جيڪي توهان کي الله تعاليٰ عطا فرمايون آهن ، ٿي سگهي ته انهن نعمتن جي فهرست ٺاهيو ، ايئن ڪرڻ سان توهان جي مزاج تي سٺو اثر پوندو .

نمبر ٻيو: پنهنجي نمازن کي وقت تي ادا ڪريو ، اوهان سوچيندا ته ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي، ان سان دل مطمئن ٿي رهي ۽ خوشي محسوس ٿئي ٿي.

نمبر ٽيون: جڏهن به ڪا دڪدائڪ خبر ملي ته ان جي باري ۾ گهڻي پڇا ڳاڇا نه ڪريو ، جيترو توهان ان جي تفصيل ۾ ويندو ، دل بيچين رهندي.

نمبر چار: رات جو گهٽ ۾ گهٽ ڇهن ڪان اٺن ڪلاڪن تائين سمهي گهري ننڊ ڪريو ، اها ننڊ تمام ضروري آهي، ڪجهه ماڻهو سڄي سڄي رات جاڳي گذارين ٿا، پوءِ ڏينهن جو سمهي ٿا رهن، ۽ سمجهن ٿا ته انهن جي ننڊ پوري ٿي وئي، ياد رکو ته ڏينهن واري ننڊ، رات واري ننڊ جو بدل هرگز نٿي ٿي سگهي، هميشه رات جو ننڊ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو .

پنجون نمبر: گهر ۾ ساوا ٻوٽا لڳايو ۽ انهن سان وقت گذاريو ، يقين ڄاڻو ٻوٽن جو انساني شخصيت تي تمام سٺو اثر پوي ٿو ، باغبانيءَ جا گهڻيي فائدا آهن، آڪسيجن ڪان علاوه سهڻا رنگ ۽ خوشبو دل کي تسڪين ڏيڻ جو باعث بڻجن ٿا .

ڇهون نمبر: صبح کان وٺي شام تائين ڪوشش ڪريو ته ڪنهن جي شڪايت زبان تي نه اچي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غلط رويي خلاف دل ۾ ناراضگي

هجي ته اهو سوچي ڪري پنهنجي دل کي صاف ڪريو ته ٿي سگهي ٿو ان جي ڪا مجبوري هجي، يه ٿي ڏينهن هن ڳالهه تي عمل ڪرڻ ڪانپوءِ آهستي، آهستي عادت بڻجي ويندي ۽ ٻين جي خلاف دل ۾ ڪا شڪايت باقي نه رهندي. جيئن جيئن توهان شڪوي شڪايتن کان پنهنجي دل کي خالي ڪندو ، تيئن توهان جي طبيعت تي ان جو خوشگوار اثر پوندو.

ستون نمبر: پنهنجي گهرجي ماحول ۾ تبديلي آڻيندا رهو ، صفائي سترائيءَ سان گڏ ڪڏهن سامان جي سيٽنگ کي مَٽايو ، ڪڏهن فرنيچر ۾ ڪنهن نئين شئي جو اضافو ڪريو ماحول ۾ ٿوري تبديليءَ سان مزاج خوشگوار رهندو .

اٺون نمبر: گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ هڪڙو ڀيرو مٽن مائٽن کي پنهنجي گهر دعوت ڏيئي گهرايو ، ڀيو نه ته پنهنجي ٻارن کي ئي دعوت ڏيئي ماني کارايو ، ملڻ ملائڻ سان محبت وڌي ٿي ۽ دل خوش ٿئي ٿي.

نائون نمبر: عزيز و اقارب جي ڏک سک ۾ انهن کي تسلي ڏيو ، ڏک ونڊڻ سان ڪين حوصلو ملندو ۽ توهان جي دل مطمئن ٿيندي. اهڙي طرح سندن خوشيءَ جي موقعن تي شريڪ ٿي ساڻن خوشيءَ جو اظهار ڪريو ڪين دل سان مبارڪباد ڏيو ، ان سان به دل ۾ سڪون محسوس ٿئي ٿو .

ڏهون نمبر: اهو سوچڻ ڇڏي ڏيو ته " ماڻهو ڇا چوندا" جنهن ڏينهن توهان اهو سوچڻ ڇڏي ڏنو ته "ماڻهو ڇا چوندا" ته ان ڏينهن توهان جون اڌ پريشانيون ۽ ذهني اذيت ختم ٿي ويندي.

الله تعاليٰ اسان کي زندگي ۾ سڪون ۽ عافيت عطا فرمائي.

## پرائي پچار کان پاسو ڪرڻ گهرجي

الله تعاليٰ جيڪي اسان کي حياتي گذارڻ جا بهترين اصول ڏنا آهن، انهن ۾ هڪ سهڻو اصول ٻين جي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل اندازي نه ڪرڻ جو به آهي، اسان



سوچيندا آهيون پراڻي زماني ۾ پرائيويسي جو ڪهڙو تصور ٿي سگهي ٿو ، اهو ته ماڊرن زماني جو اصول آهي، بلڪه ايئن هرگز ناهي، اسلام ۾ نه رڳو هر فرد بلڪه هر خاندان جي ذاتي زندگيءَ جو لحاظ ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي، جيئن ته فرمايو ويو آهي ته ڪنهن جي گهر بنان اجازت جي نه وڃو ، ۽ جڏهن ٽي دفعا دروازو کڙڪائڻ تي به دروازو نه کوليو وڃي ته دل ۾ ڪرڻ کانسواءِ واپس موٽي وڃو ايتري قدر جو گهر جي سربراه کي به گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ظاهر ڪرڻو آهي جيئن خبر پوي ته گهر جو مالڪ گهر ۾ اچي ٿو .

قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي ته ٻين جي تجسس ۾ نه رهو ته جيئن ان جا عيب معلوم ٿين ۽ نه هڪٻئي جي غيبت ڪريو ، ڪنهن جي گهر ۾ جهاتيون نه پايو ، ڪنهن جي دروازي جي ٻاهر اهڙي نموني نه بيهو جو دروازو کلي ته اندر نظر پوي يعني ڪيترين ننڍين ننڍين ڳالهين جي به نشاندي ڪئي وئي آهي، ته انهن جو خيال رکڻو آهي.

۽ اڄڪلهه جي جديد دور ۾ اسان جو اهو حال آهي، جو اطلاع کانسواءِ اوچتو ئي ٻين وٽ وڃي ٿا پهچون، اهو سوچي ته ڇا ٿي پيو پنهنجائپ آهي، ضرور دروازو کلندو ، دل ۾ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

اسان ڪيڏا به ڪٽي نيڪ، نمازي ۽ پرهيزگار هجون پر اڪثر اهڙيون ڪيتريون ئي غلطيون ڪري ويهندا آهيون، جن جو احساس به نه هوندو آهي، ٻين جي عيب جوئيءَ کي پنهنجو حق سمجهندا آهيون، گهر جي ڀاتين جا موبائل ڪٽي چيڪ ڪرڻ وقت سوچيندا آهيون ته ان ۾ ڪهڙو حرج آهي، ٻين جي دروازي تي بيهي، ڪن ڏيئي اندر جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ دلچسپي هوندي آهي، ذرو به ڪنهن جي باري ۾ ڪا اهڙي ڳالهه معلوم ٿئي جيڪا هو پاڻ ٻين کي ٻڌائڻ پسند نه ڪندو هجي، اها ڳالهه مرچ مصالحا ملائي هر ڪنهن کي ٻڌائڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهيون، ڪنهن جي غيرموجودگي ۾ ان جي سامان جو جائزو وٺڻ کي عام ڳالهه سمجهڻ ۽ ٻين جي جاسوسي ڪرڻ ته ڪٿان آيا، ڪٿي ويا، ڇا خريد

ڪري آيا، سندن گهر ۾ ڪير آيو ، ڪير ويو ، هنن سمورين ڳالهين کي خراب ڪو نه ٿا سمجهون، حالانڪه دين ۾ هنن ڳالهين جي ممانعت ڪئي وئي آهي.

پٽ کي پيءَ جي ڪمري ۾ وڃڻ کان اڳ اجازت وٺڻ جو حڪم آهي، پيءَ کي ڌيءَ جي ڪمري ۾ پڇي پوءِ وڃڻو آهي، ننهن کي اجازت ناهي جو ساهرن جون ڳالهيون پيڪن ۾ وڃي ٻڌائي، اهڙي طرح سس پنهنجي ننهن جي ګلا پنهنجي ڌيئرن سان نه ڪري، ڪنهن وٽ مهمان ٿي وڃجي ته سندن گهر جون خبرون ٻين کي نه ٻڌائجن، جيڪو به اوهان کي پنهنجي گهر اچڻ ۽ رهڻ جي اجازت ٿو ڏئي ته اهو توهان تي اعتماد ٿو ڪري، ان گهر کي پرائيويسي الله تعاليٰ ڏني آهي، جيڪڏهن اسان ڪنهن جي گهر جون ڳالهيون ٻين سان ڪندا سين ته ، اها به الله جي حڪم جي خلاف ورزي آهي، اسان چوندا آهيون، ڇا ٿي پيو ، پنهنجن سان ڳالهيون شيئر ڪرڻ ۾ ڪهڙي خراب ڳالهه آهي، حالانڪه انهن ڳالهين منجهان ئي فتني ۽ فساد جا رستا کلن ٿا، جيڪي حدون الله تعاليٰ مقرر ڪيون آهن، انهن ۾ ڪيئي حڪمتون پوشيده آهن، جن جي اسان کي ڪا خبر نٿي پوي ، ۽ جڏهن خبر پوي ٿي، تيستائين ڪافي نقصان ٿي چڪو ٿو هجي.

اڄڪلهه سوشل ميڊيا جو زمانو آهي، هر ڳالهه کي شيئر ڪرڻ فيشن بڻجي چڪو آهي، ڇا کائجي پيو ۽ ڇا پائجي پيو ؟ اهو ضروري ته ڪونهي ته پنهنجي گهر جي هر ڳالهه کان ٻين کي آگاهه ڪجي.

اصل ۾ هنن عوامل جي پويان فخر و غرور ۽ خود ستائي جهڙا جذبا ڪارفرما آهن ، جيڪي سطحي ذهنيت جي نشاندهي ڪن ٿا، بردباري اهڙين حرڪتن ۽ وقت جي ضياع کان بچائي ٿي .



## الله تي توڪل ۽ بي فڪر زندگي

اينگزائٽي ڇا آهي، بغير ڪنهن خاص سبب جي گهبراهٽ ، بيچيني، ڊپ ۽ اضطراب جهڙي نفسياتي ڪيفيت کي ائنگزائٽي ٿو چئجي، ان جا گهڻائي سبب آهن ، سڀ کان وڏو سبب آهي مستقبل جي غيريقيني صورتحال، اڄڪلهه ٻارن کان وٺي وڏن تائين ڪنهن نه ڪنهن حد تائين سيئي اينگزائٽي جا شڪار آهن ، ڪڏهن

دنيا جون حالتون ڏسي، ڪڏهن گهريلو منجهيل مسئلن جي ڪري، ڪڏهن مالي پريشانيون ته ڪڏهن معاملا اسان جي مرضي مطابق طئي نه ٿيڻ تي هر انسان، امير هجي يا غريب، هڪڙي قسم جي بي چينيءَ جو شڪار آهي.

گهڻا مسئلا ته اهڙا هوندا آهن جن جو حل اسان جي هٿ ۾ ناهي هوندو ۽ نه ئي انهن مسئلن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ اسان جي وس ۾ هوندو آهي، پوءِ ڪجي ته ڇا ڪجي؟ سڀ کان پهرين ته سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته مسئلا حياتيءَ جو حصو آهن منافق ماڻهوءَ جي اها نشاني آهي ته هو هر ننڍي مسئلي کي جبل جهڙو وڏو سمجهي واويلا ڪندو آهي، ۽ مومن ايئن ناهي ڪندو ، اڄڪلهه ڪنهن جي ٻار جي ڪنهن سٺي اسڪول ۾ داخل نه ٿئي ته هو ڊپريشن ۾ هليو ويندو آهي، ۽ ٻي پاسي ڏسجي ته ڪو ان ڪري پريشان آهي جو سندس ٻار حياتي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيو آهي، ڪو هن ڪري پريشان آهي، جو سندس ڌيءَ جو رشتو ڪنهن سٺي جاءِ تي نٿو ٿئي، ۽ ڪو وري ان ڪري غمگين آهي، جو سندس ڌيءَ ساهرن ۾ سکي ناهي، ۽ ڪنهن کي وري ڪنهن بيماريءَ يا تڪليف منجهائي ماريو آهي، مطلب ته ڪنهن جو مسئلو وڏو ته ڪنهن جو ننڍو ، پر هر ڪنهن کي ايئن لڳندو آهي ته منهنجو ئي مسئلو سڀ کان وڏو آهي، تنهن ڪري اوهان ڏٺو هوندو ٿوري ٿوري ڳالهه تي به ماڻهو گوڙ ، شور مچائي بي صبر ٿي ويندا آهن ، حالانڪه سوچڻ جي ڳالهه آهي ته هن دنيا جو نظام اسان جي مرضيءَ سان نٿو هلي، بلڪه الله رب العالمين جي مرضيءَ مطابق هن ڪائنات جو نظام هلي رهيو آهي.

اها ڪوشش ڪرڻ اجائي آهي ته هر ڪم منهنجي مرضيءَ مطابق ٿئي، جيترو جلد الله جي رضا ۾ راضي رهڻ سکي وٺندا سين، اوترو جلد سڪون ۽ اطمينان سان رهنداسين، ڊپريشن ۽ اينگزائٽي کان ڇوٽڪارو ملي ويندو ، ٺيڪ آهي، پريشانيون ۽ مشڪلون حياتيءَ جو حصو آهن، پر هنن مسئلن کي ذهن تي سوار ڪري، پاڻ کي هر وقت پريشان رکڻ، ڳڻتيءَ ۾ ڳرندو رهڻ ۽ لڳاتار هنن



ڳالهين کي سوچي پاڻ کي بيمار ڪرڻ ناداني آهي، اهڙا افراد هر ملڻ واري سان پنهنجي ڏکن جو حال اوريندا آهن، هر ايندڙ ، ويندڙ کي پنهنجي دل جو درد ٻڌائيندا ۽ واويلا ڪندا آهن، اها مومن جي نشاني ڪانهي، مومن ته هر ڪم کي الله جي حوالي ڪري بيفڪر ٿي ويندو آهي.

الله جي رضا ۾ راضي ٿي رهڻ، هڪ وڏي نعمت آهي، جنهن کي حاصل ٿي وڃي، روزانو اسان جي اڳيان ڪجهه اهڙيون ڳالهيون ايندڙيون آهن جن کي اسان ناپسند ڪندا آهيون ۽ سوچيندا آهيون ته ڪاش! ايئن نه ٿئي ها، ڪهڙي خبر ته الله تعاليٰ جيڪو به اسان جي تقدير ۾ لکيو آهي، ان ۾ اسان جي ڀلائي هجي، جيڪڏهن ڪنهن انسان جي طرفان زيادتي ٿي آهي ته به ان جو معاملو الله تي ڇڏي ڏيو ، اهو سميع ۽ بصير آهي، عليم و خبير آهي ۽ بهترين منصف به آهي قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي ته (ڏکئي وقت ۾) "صبر ۽ نماز کان مدد وٺو ."

يقين ڄاڻو وڏي کان وڏي مشڪل آسان ٿي لڳي، جڏهن الله تي توڪل ڪري سڀ ڪم ان جي حوالي ڪجن، هر تڪليف ۽ پريشاني ختم ٿيو وڃي، ڇاجي، بيچيني ۽ ڪهڙو اضطراب؟

ڇا اهو ممڪن آهي ته جنهن خلقيو آهي، اهو پنهنجي مخلوق جي تڪليف کي نه ڄاڻندو هجي، صرف مدد گهرڻ جي دير آهي، الله جي مدد اتان کان ٿي اچي جتان ٻانهي جو وهم ۽ گمان به ڪونهي. پوءِ ٻانهو سڪون ۽ اطمينان جي اهڙي نعمت سان نوازجي ٿو وڃي جتي ڪنهن ڊپريشن ۽ اينگزائٽي جو وجود به نظر نٿو اچي. ٻندو بيخبر ته اهو به نٿو ڄاڻي ته اها آزمائش سندس ايمان ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ آئي هئي.

جڏهن صبح و شام جي اذڪار ۾ اها دعا پڙهون ٿا "رضيت باالله ربا وبالاسلام دينا وبمحمد نبيا ورسولا". ته ان جو مطلب ته اسان الله جي رب هجڻ تي راضي آهيون، هاڻي الله تعاليٰ اسان جي لاءِ جيڪو به فيصلو فرمائي، اسان راضي

آهيون، جيڪو الله تعاليٰ اسان جي تقدير ۾ مقدر ڪيو اسان ان تي راضي آهيون .

رب جي رضا تي راضي رهڻ ڳڻتين کان نجات جو آسان نسخو آهي.

علي اڪبر راهمون

# منصوره

## تاريخ ۽ تحقيق جي آئيني ۾

سنڌ کي جيئن باب الاسلام جو شرف حاصل آهي، تيئن قرآن مجيد جي سڀ کان پهرئين مڪمل ترجمي جي فضيلت سنڌي ٻولي کي حاصل آهي هن کان علاوه



سنڌ کي اسلامي تاريخ ۾ هڪ ٻيو امتياز هيءُ به حاصل آهي ته جيڪو سڀ کان پهريون باقاعده شهر مسلمانن تعمير ڪرايو ، اهو عباسي دارالخلافت بغداد کان به 17 ورهين اڳ ۾ سنڌ جو شهر "منصوره" هو.

منصوره اٺين صدي عيسوي کان ڏهين صدي تائين سنڌ ۾ اسلامي ثقافت جو مرڪز رهيو ، جتي ان دور ۾ قرآن مجيد جو پهريون ترجمو سنڌي ٻولي ۾ ٿيو . اسلامي تاريخ ۾ هن کان پهرين قرآن مجيد جو مڪمل ترجمو ڪٿي به ڪنهن زبان ۾ ٿيل نه هو . ٿيو هيئن ته اروڙ جي هندو راجا مهروگ جي خواهش تي273ه ڌاري هڪڙي عالم قرآن مجيد جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ، جيڪو "منصوره" ۾ رهندو هو هيءُ واقعو عجائب الهند ۾ بزرگ بن شهريار تفصيل سان لکيو آهي، جيڪو ٽئين صدي هجري ڌاري عراق جي بندرگاهه کان واپار جي سامان سان ڀريل ٻيڙا ڪاهي سنڌ جي مرڪزي شهر منصوره ايندو ويندو رهندو هو . منصوره ۾ ديني درس گاهون به هيون، جتي حديث پاڪ جو درس ڏنو ويندو هو . ڪيترائي عالم فاضل، اديب، فقيهه، محدث، قاضي ۽ حڪيم منجهس رهندا هئا. مطلب ته منصوره علم فضل، تجارت ۽ خوشحالي ۾ بغداد ثاني هو . ان دور ۾ ڪيترائي قاضي حڪيم، تاريخ نويس جاگرافيدان ۽ سياح به منصوره آيا، جن منصوره جي ماڳ مڪان ۽ سياست ثقافت جو سربستو احوال پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنو آهي.

مؤرخين ۽ محققن جو خيال آهي ته سنڌ ۾ اسلام اچڻ کان پوءِ عسڪري ۽ سياسي انتظامي ضرورتن تحت نوان شهر آباد ڪرڻا پيا، جن مان "محفوظه"، "منصوره" ۽ "بيضاء" مشهور هئا.سنڌ جي گورنر حڪم بن عوانه ڪلبي 114ه (33-732ع) ۾ سنڌو درياهه جي ڏکڻ ايرندي پاسي کان محفوظه شهر کوفي ٻي طرز تي جوڙايو ۽ سنڌ ۾ محمد بن قاسم سان گڏ آيل ٿڙ پکڙ ٿيل عربن کي ان شهر ۾ وسايو جن سنڌ جي فتح ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ، ان کان

ڪجهه عرصو بعد محمد بن قاسم جي پٽ عمرو 120هه -737ع ڌاري سنڌو درياهه جي اتر اڀرندي پاسي واري علائقي ڪي جنهن ۾ برهمڻ آبادي شامل هئي، دشمنن ڪان وڙهي ڪري واپس ورتو ته برهمڻ آباد ڪان ڇهه ميل اولهه طرف هڪ نئين شهر منصوره جي پيڙهه جو پٿر رکيو جنهن ڪي سنڌ جو دارالحڪومت بڻايو. جيڪو 120هه ڪان وٺي 401هه تائين سنڌ جي گادي جو هنڌ رهيو ، ستين صدي هجري جي اڌ تائين اهو شهر موجود هو پر پوءِ زلزلي جي ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ميٽجي ويو .

ٽيون شهر عمران برمڪي ٻوقان ويجهو ٻوڏيا ضلعي ۾ "بيضاء" نالي سان 220هه ڌاري آباد ڪيو هو . (سنڌ جي تاريخ – اعجاز الحق قدوسي)

ٽئين ۽ چوٿين صدي هجري ۾ مسلمان تاريخدان ۽ سياح البلازري، المسعودي، البڪري، ابن حوقل ۽ ٻيا ڪيترائي تاجر ۽ سياح منصوره آيا هئا. آخري "بشاري مقدمي" 988ء ڌاري منصوره آيو هو ، جنهن پنهنجي مشهور ڪتاب " احسن التقاسيم" ۾ منصوره جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت جو نقشو هن ريت چٽيو آهي.

منصوره سنڌ جي گادي جو هنڌ ۽ مرڪزي شهر آهي، "المنصوره هتي قصبته السند ومصر الاقليم" پڪيڙ ۾ دمشق جيڏو آهي، "تڪون مثل دمشق" عمارتون ڪاٺي ۽ مٽي جون آهن، "بناوهم خشب وطين" جامع مسجد پٿرن ۽ سرن جي آهي، ۽ تمام وڏي عمارت آهي، "والجامع منه حجر وآجر ڪبير" عمان جي جامع مسجد وانگر ان جا ٿنيا ساع جا آهن، "مثل جامع عمان عليٰ سواري ساج" مقدسي اڳتي لکي ٿو ته "شهر جا چار مکيه دروازا آهن، ساموندي در، طوران در، سندان در ۽ ملتان در سنڌو ندي جي هڪ شاخ شهر کي گهيرو ڪيو بيٺي آهي، هتي جا رهاڪو سليقي وارا ۽ بامروت آهن، اسلام وٽن تازو آهي، اهل علم هتي تمام گهڻا آهن، ماڻهو ذهين ۽ ذڪي آهن، نيڪي ۽ خيرات ڪرڻ وارا آهن، هتي واپار ۽ ڪاروبار نفعي وارو آهي، آبهوا مناسب، سيارو سخت ناهي، مينهن گهٽو وسي ٿو



، هيءُ شهر ڪيترين ئي عجيب غريب خصوصيتن جو مالڪ آهي، پليون مينهون، عمدو ڪپڙو ، ۽ ڪنياتي نوڪ جون جتيون ٺاهيون وڃن ٿيون، ماڻهو سنڌو درياهه جو پاڻي پيئن ٿا، جامع مسجد شهر جي وچ ۾ آهي رسم رواج عراق سان ملن ٿا، پر گرمي سخت ٿئي ٿي، ميري به ڏاڍا آهن." (احسن التقاسيم صفحه 346)

بشاري مقدسي پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته هتي باغ ڏاڍا ساوا ۽ گهڻا آهن، وڻ وڏي قدر وارا ۽ ميون سان ٽمٽار آهن، ابن نديم جي چوڻ مطابق ڪوفي جي ڪاريگرن سنڌ ۽ مڪران جي ڪاريگرن کي چمڙي کي ڪارڪن سان رڱڻ سيکاريو ، جنهن سان اهو وڌيڪ نرم ٿي ويو ، منصوره جي چمڙي جي ڪاروبار بابت امام بن حنبل 141هه پنهنجي ڪتاب "الورع" ۾ لکي ٿو ته منصوره جا سنهري سينڊل اسلامي دنيا ۾ صرف امير ماڻهو پائن ٿا. چمڙي جي هنرمنديءَ ۾ ايتري ترقي ڪئي، جو سنڌ جو رنگين ۽ نرم چمڙو "السنديه" جي نالي سان پوري دنيا جي مارڪيٽن ۾ پکڙجي ويو آهي. "مروج الذهب" ۾ آهي ته هندستان ۾ منصوره ۽ ڪنيات جا جوتا مشهور آهن.

هن مان معلوم ٿيو ته دار الحڪومت هئڻ سبب "منصوره" تجارت ۽ علم جي لحاظ ڪان بغداد ثاني بڻجي ويو هو ، ڏيهه توڙي پرڏيهه جا قافلا چؤطرف ڪان ايندا هئا. سنڌ ۾ منصوره علم ۽ واپار جو وڏو مرڪز هو ، ڪيترائي عالم فاضل فقيهه ، محدث هن شهر جي هاڪ ٻڌي ايندا هئا ، خود عرب مان به ڪيئي پنهنجي دور جا عالم شاعر قاضي حڪيم پنهنجو وطن ڇڏي اچي منصوره ۾ مقيم ٿيا، ان زماني ۾ لڳي ٿو ته منصوره اهل علم جي لاءِ جنت مثل هو . منصوره ۾ قاضي ابو محمد منصوريءِ جي عظيم درسگاهه موجود هئي جتي حديث جو درس جاري هو . سندس درس جو حلقو وڏو هو . (احسن التقاسيم)

اڄڪلهه جاءِ وقوع جي لحاظ کان منصوره شهر جا آثار شهداد پور کان 13 ڪلو ميٽر اوڀر ڏکڻ ۾ ، حيدرآباد کان اتر اوڀر جي ڪنڊ تي 69 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي ٽنڊو آدم کان سانگهڙ روڊ تي جهول لڳ واقع آهن.

سوال هيءُ آهي ته منصوره، برهمڻ آباد جو مٽيل نالو آهي يا منصوره ، برهمڻ آباد کان بلڪل الڳ شهر جو نالو آهي؟

"فتوح البلدان" جو صاحب بلازري لکي ٿو ته:

محمد بن قاسم برهمناباد، وهي عليٰ راس فرسخين من المنصورة يعني (اروڙ جو قلعو فتح ڪرڻ کان) پوءِ محمد بن قاسم برهمڻ آباد آيو ، برهمڻ آباد منصوره کان ٻه فرسخ جي مفاصلي تي هو ، اڳتي لکي ٿو ته ولم تکن المنصورة يومئذ يعني جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ منصوره جو وجود ڪو نه هو . (فتوح البلدان صفحه 616)

فرسخ اسلامي اصطلاح موجب ٽي ميل يا ٻارهن هزار قدمن جي مسافت کي چئبو آهي.

بلازري ٽئين صدي هجري جو هڪ مشهور تاريخدان ۽ جاگرافي جو عالم هو، جنهن پنهنجي ڪتاب فتوح البلدان ۾ سنڌ جي فتح جو احوال تفصيل سان لکيو آهي.

هتي اهو ڄاڻائڻ به ضروري آهي ته سنڌ جي فتح ۽ بلازري جي تاريخي واقعن کي قلم بند ڪرڻ جي وچ ۾ رڳو 177 ورهين جي وٿي آهي ان ڪري اهو مؤرخ وقت جي ويجهڙائي سبب ٻين سيني مؤرخن کان وڌيڪ معتبر آهي، سندس روايت وڌيڪ ڀروسي لائق آهي.

"ايليئٽ" بلازري جي حوالي سان لکيو آهي ته "برهمن آباد منصوره کان پري واقع هو ، سندس راءِ آهي ته برهمن آباد جو ڪافي حصو منصوره ۾ اچي



ويو آهي، ۽ "محفوظه" ڇانوڻي هن جي برابر آباد هئي. (بي بي سي ڊات ڪام ڪراچي. سهيل رياض)

اسلامي ثقافت جو قديم شهر منصوره (تاريخي سياسي جاگرافي) ۾ لکيو آهي ته "مؤرخن ۽ جاگرافي جي عالمن جو خيال آهي ته جتي منصوره جي شهر جو بنياد رکيو ويو هو ، اتي پهرين جهنگ هوندو هو ، منصوره کي برهمڻ آباد کان ٻه فرسنگ پري وسايو ويو هو ، جيتوڻيڪ ڪجهه مؤرخن هن ۾ اختلاف ڪيو آهي.

نئين شهر منصوره جو بنياد رکڻ متعلق "يعقوبي" (284هه) بلازري (279هه) ۽ ابن اثير جي روايتن ۾ اتفاق آهي، ته محمد بن قاسم جي پٽ عمرو سنڌو درياهه جي ڪناري هڪ شهر آباد ڪرايو جنهن جو نالو منصوره رکيو ، اسلامي تاريخ ۾ سنڌ جو هيءُ پهريون شهر هو جنهن کي باقاعده شهري اصولن مطابق تعمير ڪيو ويو هو ، جيڪو سنڌ جو دارالحڪومت هو، هن شهر جي آباد ٿيڻ کان پوءِ سترهين سال بغداد جي شهر جو بنياد به منصوره جي نقشي ۽ اصول مطابق رکيو ويو ، هن مان منصوره جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو .

ڪريم بخش خالد پنهنجي مضمون "اسلامي دور جي سنڌ جي حالتن ۽ شخصيتن تي نظر" ۾ رقمطراز آهي ته ابهنه حوقل سياح منصوره جي جاءِ وقوع جو نقشو ڏنو آهي، جنهن موجب معلوم ٿئي ٿو ته سنڌو نديءَ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ ۾ ان جي هڪ شاخ ڦٽي دوباره درياهه ۾ پوي ٿي، ان طرح جا زمين ٻيٽ جي شڪل ۾ نمودار ٿي ان جڳهه تي محمد بن قاسم جي فرزند عمرو 110هه ۽ 120هه جي وچ ڏاري هڪ شهر آباد ڪرايو هو ، جيڪو برهمڻ آباد کان ٻه فرسنگ مفاصلي تي هو عمرو فتوحات جي يادگيري ۾ ان جو نالو منصوره رکي ان کي دارالحڪومت بنايو . (راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم قاسم تاريخ جي آئيني ۾ صفحه 181)

هنن تاريخي روايتن مان واضح ٿيو ته منصوره جو شهر برهمڻ آباد کان ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي بلڪل الڳ بنيادن تي ٻڌل هو، جيڪو ملتان کان ديبل بندر تائين سڄي سنڌ جو دارالحڪومت بنجڻ سبب وڏيو ويجهيو ايتريقدر پکڙيو جو "محفوظه" ۽ برهمڻ آباد جي حدن کي پهچي ويو، ايستائين جو انهن شهرن جا ڪجهه حصا به منصوره ۾ شامل ٿي ويا انڪري ڪجهه مؤرخن کي شبهو ٿيو ته شايد منصوره، برهمڻ آباد جو نالو آهي، پر جن سياحن ۽ مؤرخن وثوق سان چٽن لفظن ۾ لکيو آهي ته منصوره جو شهر برهمڻ آباد کان ڪجهه ميل پري الڳ شهر آهي، سندن متواتر روايتون اخبار صادقه جو درجو رکن ٿيون، انڪري انهن تي بلاشبهه ڀروسو ۽ يقين ڪري سگهجي ٿو.

ڪجهه جديد مفڪرن جو خيال آهي ته رڳو تاريخي روايتون ناڪافي آهن، يقين ڪامل ۽ ڀروسي جي لاءِ خارجي شاهديون ۽ نشانيون پڻ گهربل آهن، جن هن معيار تي منصوره جي ماڳ مڪان کي ڏسبو ته آثار قديمه جي دريافتن ۽ ماهرن جي راءِ جي روشني ۾ به اسين هن نتيجي تي پهچون ٿا ته دريافت ٿيل آثار سنڌ جي دارالحڪومت منصوره جا آهن.

منصوره جي آثار قديمه جي پهريون پيرو کوٽائي 1854ع ۾ بيلاسس ۽ رچرڊسن ڪرائي، جنهن کي هينري ڪيزنز اڳتي وڌايو هو، جڏهن ته هن حوالي سان هڪ تحقيقي رپورٽ بمبئي جي رائل ايشياٽڪ سوسائٽي جريدي. "السٽريٽيڊ لنڊن" ۾ ڇپجي هئي، هتي ملڻ واريون شيون برٽش ميوزيم ۽ بمبئي جي عجائب گهر ۾ رکيون ويون.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ قومي وزارت آثار قديمه جي طرفان 1962ع ۾ منصوره جي آثار جي پيهر کوٽائي ٿي، جنهن جي ابتدائي رپورٽ ته پڌري ٿي، پر جامع رپورٽ اڄ ڏينهن تائين پڌري نه ڪئي ويئي آهي.



هن رپورٽ ۾ ڊاڪٽر ايف اي خان وثوق سان چيو آهي، ته هيءُ منصوره شهر جا آثار آهن، هتي مسجد جا آثار پڻ مليا آهن، جڏهن ته هتي اسلام کان اڳ ۾ جا ڪي به آثار دستياب نه ٿيا آهن. (بي بي سي ارنو ڊاٽ ڪام ڪراچي 13 جنوري 2021ع)

1998ع ۾ منصوره جي قديم آثارن جي ٽيون پيرو کوٽائي جو ڪم سابق ڊائريڪٽر جنرل قاسم علي قاسم جي حوالي ٿيو، هڪڙي انٽرويو دوران قاسم علي قاسم پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشني ۾ پوري وثوق سان ٻڌايو ته هيءُ آثار عرب گورنرن جي اڏايل شهر منصوره جا آهن، هن جي کوٽائي دوران باقاعده شاهديون مليون آهن، هن وڌيڪ ٻڌايو ته هيءُ قلعي بند شهر محمد بن قاسم جي پٽ عمرو وسايو هون، هن ڳالهه جي تصديق هتي ملڻ وارن قديم سڪن مان ٿي آهي، جن تي عمرو بن محمد بن قاسم جو نالو ٺپيل آهي. ۽ هن کوٽائي ۾ شاهي دروازي کي دستڪ ڏيڻ وارا مٽين وزني ڪڙا ڪنڍا وڻ مليا آهن، جن ۾ ڪاهڪ شڪل آهي، جنهن جي چوڌاري ڪلمو طيب لکيل آهي.

### بهمن آباد سے منصوره تک

(ايکسپريس نيوز 2 فروری 2020ء)

سنڌ يونيورسٽي جو سڀ کان پهريون ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ آهي، جنهن "المنصوره" تي تحقيق ڪئي ۽ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس اهو تحقيقي مقالو "مدينته المنصورة" جي نالي سان مصر ۾ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپيو آهي. جيڪو اسان وٽ سنڌ جي مقتدر ادارن اڃان تائين شايع نه ڪيو آهي.

مٿئين بحث مان معلوم ٿيو ته منصوره ۽ برهمڻ آباد ٻه ڌار ڌار تاريخي ماڳ آهن. شروع ۾ ته انهن ٻنهي قديم شهرن جي وچ ۾ صرف ڇهه ميل کن جو مفاصلو هو پر اڳتي هلي منصوره دارالحڪومت هجڻ سبب ايترو پکڙيو جو برهمڻ آباد ۽ محفوظ جا شهر به هن ۾ شامل ٿي ويا، هن حقيقت جي تصديق قديم مؤرخن ۽

سياحن پڙ ڪئي آهي، هن ڪان علاوه آرڪيالاجي ڊپارٽمنٽ جي ماهرن جا جيڪي بيان اسان جي نظرن مان گذريا آهن انهن مان به معلوم ٿئي ٿو ته هن ماڳ تي موجوده آثار "منصوره" جا آهن.

تازو 18نومبر 2023ء تي ثقافت کاتي المنصوره جي تاريخي آثارن تي "برهمڻ آباد هيريٽيج ڪانفرنس منعقد ڪئي، جنهن ۾ منصوره جو نالو نظر انداز ڪري سنڌ ۾ اسلامي ثقافت کي ميسارڻ ۽ برهمڻ ثقافت کي زنده رکڻ جي پوري سازش ڪئي، پر بروقت سنڌ جي ناميارى عالم ۽ دانشور ارباب نيڪ محمد سخت احتاج ڪيو ، ۽ سنڌ جي مڙني حلقن کي هن تاريخي بدديانتي کان آگاهه ڪيو سوال آهي ته سنڌ جي اسلامي تاريخ ۽ ثقافت سان آخرڪار ائين ڇو ؟

دراصل سنڌ ۾ آثار قديمه جي تحفظ واري کاتي تي هڪ سيڪيولر مافيا قبضو ڪري ورتو آهي، ڪجهه سنڌ جا علمي ادبي ادارا به پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا اٿن، اڄڪلهه سنڌ جي ثقافت جي نالي سان ڪانفرنسون ۽ ميلا منعقد ڪري قديم سنڌ جي اسلامي تاريخ ۽ ثقافت کي ميساري مٽائي ان جي جڳهه تي برهمڻ ثقافت کي متعارف ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، درحقيقت اهڙو عمل سنڌ جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ برابر آهي، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ترت ڪجهه سيڪيولر ۽ شدت پسند قوم پرست تحريڪون سرگرم ٿيون، جن وقت به وقت پنهنجو اثر رسوخ وڌايو ۽ ادارن تي قابض ٿي ويون ۽ نوجوان نسل کي اسلام ۽ پاڪستان جي نظريي خلاف ڀڙڪائي بغاوت ۽ اسلام دشمني جي واٽ تي لڳايو ، مارڪس، ۽ راجا ڏاهر جا ڏينهن ملهائي انهن کي نوجوانن لاءِ رول ماڊل ۽ هيرو ڪري پيش ڪيو ويو جيڪڏهن اڄ به اسين سنڌ جا مسلمان سجاڳ نه ٿياسين پنهنجن اسلامي تاريخي ثقافتي مرڪزن ۽ انهن جي آثارن جهڙوڪ مڪلي، ٺٽو ، ڀنڀور، منصوره ، بکر وغيره جي آثارن ۽ ثقافت جي حفاظت جو بندوبست پنهنجن



هٿن ۾ نه ورتو ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سنڌ ۾ اسلامي تاريخ ۽ ثقافت سنڌ لاءِ اجنبي بڻجي چڪا هوندا .

محمد موسىٰ ڀٽو
آمنه حامد زبيدي

## خود ڪان خدا تائين

محترم رفيق اختر صاحب جي حلقي سان لاڳاپيل هڪڙي دانشور محمد ناصر افتخار صاحب "خودسے خدا تک" جي نالي سان ڪتاب لکيو آهي، جيڪو ڪافي پڙهيو ٿو وڃي، ڪتاب ۾ مراقبو ڇا آهي جي عنوان سان به هڪ تفصيلي مضمون شامل آهي.

موصوف مراقبي کي مشاهداتي ڪيفيت قرار ٿا ڏين، ان جي لاءِ الله جي ڏيان کي دل تي ڄمائڻ ۽ ذڪر وفڪر جي استحضار جي لاءِ وقت ڪيڻ جي سخت مخالفت ٿا ڪن، هن قسم جي مشقن کي نشي سان تشبيهه ٿا ڏين، جنهن مان سچي عمر جند ڇڏائڻ ممڪن نٿو هجي.

ان سلسلي ۾ سندس لکڻين منجهان به حوالا پيش ٿا ڪجن.

مراقبي جو ڪو وقت مقرر ڪونهي، اهو ڪو عمل ڪونهي بلڪه مراقبو ته هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن کي حالتِ مراقبه ٿو چئجي، اها ڪنهن عمل، ڪنهن پريڪٽس، ڪنهن فارمولي سان حاصل نٿي ٿئي، بلڪه ان جي بنياد صرف حق جو مشاهدو آهي، مراقبو ڪا اهڙي شئي ناهي جنهن کي روزانو صبح وشام يا مخصوص اوقات ۾ ڪجهه ڪلاڪن جي لاءِ ڪجي ۽ ان کان پوءِ وري پنهنجي پراڻي زندگيءَ جي معمولات کي شروع ڪري ڇڏجي، مراقبي "ميڊيٽيشن" جو لفظ گهڻو مقبول آهي، عام ماڻهو ، بلڪه خواص جي ڪثير تعداد به ان کي هڪ عمل ٿي سمجهي، جڏهن حقيقت اها آهي ته مراقبو هڪ ڪيفيت جو نالو آهي. (صفحه نمبر 183)

وڏيڪ لکن ٿا: بدقسمتيءَ سان عصر حاضر ۾ وڏا وڏا استاد (مربي) ناپيد ٿي ويا آهن ۽ انهن جي جاءِ روحانيت جي پيشي سان لاڳاپيل بازيگر وٺي چڪا آهن، وڏي خلوص سان سالڪ کي پنهنجو غلام بڻايو ويندو آهي، اهڙي اطاعت انهن کان طلب ڪئي ٿي وڃي، جهڙي نعوذ بالله، رسول الله ﷺ جي لاءِ هئڻ گهرجي، ان جي ايمان کي سلب ڪيو ٿو وڃي، هڪبئي کان وڏا ڏاڙيل هن رستي ۾ اڪيون وجهي ويٺا آهن سالڪ کي يقين ڏياريو ٿو وڃي ته هو الله جي ڳولها ۾ آخرڪار صحيح جاءِ تي اچي پهتو آهي، پنهنجي خواهش جي هٿان مجبور سالڪ جڏهن دلاسي ۾ اچي ٿو وڃي ته ان کي مراقبي (ڌيان ارتڪاز) جي ظلمات ۾ لاوارث لاش جيان اڇلايو وڃي.

"روحانيت" هن دنيا ۾ شيطان جو سڀ کان وڏو دوکو آهي ۽ دوکي کي حقيقت بنائڻ جي لاءِ ان جو سڀ کان وڏو هٿيار مراقبو آهي، جيڪو ڌيان کي هڪڙي جاءِ تي مرتڪز ڪري ڪيو ٿو وڃي، اهو طاغوت جو مراقبو آهي، ارتڪاز ۾ شيطان آهي، ارتڪاز جو مراقبو ڪوڙ آهي.(صفحو نمبر182)

مراقبو ۽ الله جي نالي تي ڌيان ۽ توجه کي مرڪوز ڪرڻ جي لاءِ ارتڪازِ کان ڪم وٺڻ ۽ الله وارن جي باري ۾ هن قسم جا سخت الفاظ ماڊرن بزرگ، محترم رفيق اختر صاحب جي روحاني شاگرد اختيار ڪيا آهن، خبر ناهي ته اهل الله جي



باري ۾ اها نفرت ۽ ڪدورت ڪيئن پيدا ٿي، بدقسمتي جي ڳالهه آهي ته مصنف پنهنجي پڙهندڙن جو به اهو ذهن ٺاهڻ ٿو چاهي.

مصنف امت ۾ صدين کان جاري مراقبي جي لاءِ ذڪر وفڪر جي مشقن جي نه رڳو نفي ڪئي آهي، بلڪه ان جي تڪذيب ڪئي آهي، ان کي شيطاني عمل قرار ڏنو آهي ۽ نشي سان تشبيهه ڏني آهي.

"خود کان خدا تائين" جهڙي اهم موضوع تي لکيل ڪتاب ۾ مراقبي جي باري ۾ هن قسم جي گوهر افشاني نه رڳو موضوع سان ناانصافي آهي، بلڪه پنهنجي تهذيب سان لاڳاپيل اهم شين کان اڻ ڄاڻائي ۽ سخت غلط فهمي پڻ آهي.

مصنف پنهنجي مضمون ۾ مراقبي جو اقرار به ڪيو آهي ته ان جي عملي صورت جي نفي به ڪئي آهي، تضاد جي اها حالت ان ڪري پيدا ٿي جو مراقبو ڪا مطالعاتي شئي ته آهي ڪانه ، اهو مشاهداتي عمل آهي، مشاهداتي عمل کان سواءِ مراقبي جي ذريعي پيدا ٿيڻ واريون حقيقتون منڪشف نٿيون ٿي سگهن. مطالعو ۽ محض ذهانت جي ذريعي مراقبي جي نوعيت ۽ زندگيءَ تي پوندڙ ان جي اثرن کي سمجهي ئي نٿو سگهجي، جيئن ته هي ڪتاب علمي حلقن ۾ پڙهيو پيو وڃي، ان ڪري اسان مراقبي جي حوالي سان هن بحث جي مختلف پاسن جو تفصيل سان ذڪر ڪنداسين.

جديد دور جي الميئن مان هڪ الميو اهو آهي ته ذهين ۽ علمي شخصيتن ۾ جديديت جي اثر هيٺ پنهنجي علمي برتريءَ جو اهڙو زعم پيدا ٿي ويو آهي، جو سلف وخلف جي علوم جي نفي ڪري پنهنجي تحقيق کي حرف آخر سمجهي ان کي متعارف ڪرايو ٿو وڃي، مراقبي جي حوالي سان هن مضمون ۾ به اها ئي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

مراقبو اصل ۾ اسم ذات (الله) جي قلبي ذڪر کي چوندا آهن، دل جي تصوير الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي نالي تي ٺاهي آهي، تنهن ڪري هر انسان جي دل جي غذا الله جي اسم ذات جو ذڪر آهي، اسم ذات جو ذڪر ڪرڻ وارا چون ٿا

ته "مراقبو " شروع ڪرڻ کان پوءِ دل پنهنجي غذا کان پاڻ ئي مانوس ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي ۽ دل کي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ئي نٿي پوي ته ڇا ڪرڻو آهي، ڇو ته دل ته اڳيئي محبوبِ حقيقيءَ جي لاءِ مضطرب هوندي آهي، ان کي جڏهن ذڪر جي صورت ۾ پنهنجي غذا ملڻ ٿي لڳي ته سندس اضطراب جهڪو ٿيڻ لڳي ٿو .

بزرگن وٽ صدين کان اسم ذات جي قلبي ذڪر جو اهو سلسلو جاري آهي، ان ۾ دل سان گڏ ذهني ارتڪاز نه هجي ته ذهني خلفشار ۽ وسوسا گهيرو ڪري وٺندا آهن، جنهن سان قلبي ذڪر متاثر ٿئي ٿو ۽ دل کي محبوب جي راه تي گامزن ٿيڻ ۾ غيرمعمولي طور تي مشڪل پيش ٿي اچي.

بزرگن قلبي ذڪر جو اهو سلسلو پنهنجي طرفان ايجاد ڪونهي ڪيو بلڪه اهو قرآن ۽ حديث منجهان ئي ماخوذ آهي، الله جي رسول ﷺ جن غار حرا ۾ اسم ذات جو قلبي ذڪر ڪندا هئا، جنهن کي تحنث چيو ويندو آهي. هڪڙي حديث شريف ۾ الله جي رسول ﷺ جن پنهنجي هڪڙي اصحابي سڳوري کي فرمايو ، ته "پٽ ! الله ڏانهن پنهنجو ڌيان ڇمائيندين ته الله کي پنهنجي سامهون موجود لهندين."

ذڪر ۾ الله جو ڌيان ڄمائڻ جو ثبوت هن حديث پاڪ مان ملي ٿو ، ان ڪري ذڪر ۾ ڌيان ڄمائڻ جي مخالفت ڪرڻ ناداني آهي، هڪڙي حديث قدسي آهي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "آئون ڪائنات جي ڪنهن به شئي ۾ سمائجي نٿو سگهان سواءِ مومن ٻانهي جي دل جي" يعني مومن ٻانهو الله جي ذڪر تي ايڏا مجاهدا ڪري ٿو جو الله جا انوار سندس دل جو احاطو ڪن ٿا.

هڪڙي حديث پاڪ ۾ قلبي ذڪر کي جهري ذڪر کان ستر ڀيرا وڌيڪ افضل قرار ڏنو ويو آهي، قرآن پاڪ ۾ پڻ قلبي ذڪر جي تاڪيد فرمائي وئي آهي "واذکر اسم ربک وتبتل اليه تبتيلا " ترجمو: (۽ تون پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪر سڀني کان ڪٽجي انهي جو ٿي وڃ).



يعني قلبي ذڪر ۾ ايڏو محو ٿي وڃ جو الله جي استحضار جون ملڪو غالب ٿي وڃي. ولا تطع من اغفلنا قلبه عن ذکرنا واتبع هواه . ترجمو: (۽ ان جي ڳالهه نه مڃ جنهن جي دل اسان جي ذڪر کان غافل آهي ۽ هو خواهش جو پيروڪار آهي) .

ذڪر ۾ وقت جي تعين جو ذڪر هيٺين آيت ۾ آهي "واذکر اسم ربک بکرة واصيلا." ترجمو: (۽ پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪر صبح ۽ شام).

هن آيت جي روشنيءَ ۾ ذڪر ۾ وقت جي تعين جي مخالفت ڪرڻ، ان کي لاعلمي ئي چيو ويندو ، لاعلمي يا علمي برتري جي سبب هزارين خالي ذهن نوجوانن جو ذهن خراب ڪرڻ ۽ انهن کي بزرگان دين جي قرآن ۽ سنت جي علوم کان غافل ڪرڻ ۽ ڪين ايئن ٻه واٽي تي بيهارڻ ، اها اسلام جي خدمت ته ڪانهي، ان کي نفس جي خدمت چئجي ته صحيح ٿيندو.

جديد علمي شخصيت کي اهو نڪتو سمجهڻو پوندو ته پنهنجي تهذيب جي بنيادي معاملن ۽ دين جي تشريح ۾ سلف صالحين جي تحقيق ۽ ان جي تسلسل جي مخالفت ڪري پنهنجي ذاتي تحقيق کي حرف آخر جي حيثيت سان پيش ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ ذهن سازي ڪرڻ، اهو اهڙو ڪم آهي جنهن سان هڪ ته امت جو تسلسل متاثر ٿئي ٿو ، ٻيو ته ان ۾ بگاڙ ٿو پيدا ٿئي، پڙهڻ وارا گمراه ٿيڻ لڳن ٿا، ان سلف صالحين جي واٽ گم ٿيڻ لڳي ٿي.

"خود کان خدا تائين" وقت جو اهم موضوع آهي، جنهن تي صحيح سمت ۾ ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، خودي، يعني انسان جي اصل شخصيت محبوب حقيقيءَ جي لاءِ هر وقت مضطرب رهي ٿي، ان جي غذا ذڪر ۽ مخلصانه عبادت ئي آهي، ذڪر ۽ مخلصانه عبادت جي صورت ۾ غذا نه ڏيڻ جي سبب هڪ ته خودي تي

نفس جي قوت غلبو ٿي ڪري ، پيو ته خودي پنهنجي دل جو اضطراب ذهن ۽ نفسيات ڏانهن منتقل ڪري ماڻهوءَ کي نفسياتي مريض بڻائي ٿي ڇڏي.

اسم ذات جو قلبي ذڪر خوديءَ جي اڻ ٽر ضرورت آهي، بزرگن وٽ قلبي ذڪر جو اهتمام ٿيندو آهي، ان سان افراد کي روحاني طور تي سهارو ملي ٿو ۽ سيرت وڪردار ۾ به آهستي آهستي بهتري اچڻ شروع ٿئي ٿي، هن سڄي ڪم کي تنقيد جو نشانو بنائڻ ۽ مراقبي جي عمل کي مشاهداتي ڪيفيت جو نالو ڏيڻ نوجوان نسل کي گمراه ڪرڻ آهي.

محترم ناصر صاحب مشاهدي تي غيرمعمولي زور ڏنو آهي، خبر ناهي انهن کي ڪنهن ٻڌايو ته اسم ذات جي قلبي ذڪر جو استحضار شيطاني عمل آهي، ۽ مراقبو ته مشاهدي جو ئي نالو آهي.

سوال اهو آهي ته مشاهدو ، پر ڪهڙي شئي جو ؟ هن دنيا ۾ الله جو مشاهدو ته ممڪن ڪونهي، البته الله جي انوار جو ورود ضرور ٿيندو آهي، جنهن کي هڪڙي لحاظ کان مشاهدي جو نالو به ڏنو ويندو آهي، پر مشاهدي جي حالت به ته ذڪر جي ڪثرت جي ذريعي ئي پيدا ٿيندي آهي، ڪثرتِ ذڪر کانسواءِ مشاهدي جي ڪيفيت جو پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي، ڪثرتِ ذڪر جي لاءِ ارتڪاز ، استحضار ۽ ڌيان ناگزير آهي، مشاهدي جي حالت اوچتو پيدا ٿئي ۽ مستحڪم ٿي وڃي، اهو ممڪن ڪونهي، ان جي لاءِ حياتيءَ جو هڪ حصو مراقبي ۾ صرف ڪرڻو ٿو پوي.

”خود سے خداتک“جي مصنف موجوده دؤر جي سمورن سلسلن جي تڪذيب ڪندي انهن جي لاءِ سخت الفاظ استعمال ڪيا آهن ، انهن کي محترم رفيق اختر صاحب کانسواءِ سمورا بزرگ نقلي ۽ ڪاروباري نظر ٿا اچن .

تنقيدي حس جو ايترو تيز هجڻ، اهو به هن دؤر جي المين منجهان آهي ته جديد ذهين انسان کي پاڻ کانسواءِ ٻين ۾ ماڳهين خير ۽ ڀلائي نظرئي نٿي اچي، بهرحال هن تنقيدي نوعيت جي نفسيات تي ڏک جو اظهار ئي ڪري ٿو سگهجي، مراقبي جي حوالي سان گفتگوءَ کي اڳيان وڌائيندي اسان وڌيڪ اهو چوندا سين ته اسان وٽ اهل تصوف جي سمورن سلسلن ۾ مراقبو موجود آهي، ٻين سلسلن ۾



آخر ۾ مراقبو هوندو آهي، جڏهن ته نقشبندي سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ زور مراقبي تي ڏنو ويو آهي، مراقبي جو مطلب اهو آهي ته الله جي هستي جي نالي جو جوهر انساني شخصيت ۾ اهڙي طرح وديعت ٿي وڃي جو فرد جي لاءِ الله جي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ سولو ٿي پوي، ۽ اسلامي شريعت ان جي لاءِ ضابطئه حيات بڻجي وڃي.

جڏهن الله جي نالي جو جوهر دل ۽ روح جو حصو بڻجي وڃي ۽ مراقبي جو ملڪو راسخ ٿيڻ لڳي ته فرد جي شخصيت ۾ اهو رنگ پيدا ٿيڻ لڳي ٿو ، البته هن رنگ کي غالب ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ عرصي تائين مستقل مزاجيءَ سان مراقبو ۽ لااله الا الله جي ذڪر جي تڪرار ڪرڻي ٿي پوي.

انساني شخصيت ۾ موجود دورنگي ۽ تضاد کي ختم ڪرڻ ۽ الله جي لاءِ يڪسو ٿيڻ ۾ مراقبو فيصله ڪن ڪردار ادا ٿو ڪري.

مراقبو اصل ۾ دل جي نگرانيءَ جو نالو آهي، ته جيئن دل الله جي ياد کان غافل نه ٿئي، جڏهن به دل دنيا طلبي ڏانهن مائل ٿئي يا وسوسن جو غلبو ٿيڻ لڳي ته مراقبي جي تڪرار جي ذريعي دل جو لاڙو الله ڏانهن ڪجي، ته جيئن هو الله جي انوار جي ذريعي شخصيت کي صراط مستقيم تي گامزن ڪري ثابت قدم رکي سگهي، مراقبو فرد کي دنيا ۾ رهي ضروري مادي مصروفيتون سرانجام ڏيندي الله جي لاءِ يڪسو ٿي وڃڻ جي سليقي کان واقف ٿو ڪري، جيتوڻيڪ اهو هڪ ڏکيو ڪم آهي پر مراقبي جي لڳاتار تڪرار سان اهو ڏکيو ڪم رفته رفته آسان ٿيڻ لڳي ٿو .

مراقبي سان جيستائين نفسي قوتن جو زور گهٽجي نٿو ان وقت تائين فرد کي ان ڳالهه جو خصوصي اهتمام ڪرڻو پوندو آهي ته جيئن نفس جي اڀارڻ تي ماڻهو بزرگ بنجڻ جي ڪوشش نه ڪري ۽ نه ئي روايتي بزرگن کان ملڻ واري خلافت قبول ڪري، جيڪڏهن هو ايئن ڪندو ته وقت کان اڳ پيري ۽ مريديءَ جي واٽ تي هلندو ۽ گهٽي کان گهٽا مريد گڏ ڪرڻ، شهرت حاصل ڪرڻ ۽ دولتمند بنجڻ لاءِ ڪوشان ٿيندو ۽ اهڙي طرح مراقبي جا ثمر ۽ فائدا ضايع ٿي ويندا .

نفس جي قوت هولناڪ حد تائين شه زور ۽ طاقتور آهي، ان کي مطيع ڪرڻ ۽ الله جي تابع ڪرڻ جي لاءِ ڊگهي عرصي تائين الله جي اسم ذات جي ذڪر جي تڪرار سان مجاهدا ڪرڻا ٿا پون.

مراقبي جي ذريعي جيستائين دل جي تشنگي قابل ذڪر حد تائين ختم نٿي ٿئي ۽ نفس جون قوتون پائمال نٿيون ٿين، تيستائين شخصيت مراقبي جي لاءِ بي تاب ٿي رهي، جڏهن نفس جون ڪدورتون گهڻي حد تائين دور ٿي وڃن ٿيون ته ان ڪان پوءِ تلاوت ۽ نوافل سان طبعي مناسبت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي، ان مان معلوم ٿو ٿئي ته مراقبو، تلاوت ۽ نوافل تائين پهچائڻ جو ذريعو ثابت ٿئي ٿو.

مراقبي سان فرد جو شين کي ڏسڻ جو زاويو بدلجي ٿو وڃي، دنيا جي ترقي جي حوالي سان ان جي احساسن ۾ ٺهراءُ اچڻ ٿو لڳي، ۽ هو هر اعتبار سان ٻين ماڻهن ڪان مختلف ٿي ويندو آهي، سوچ ۾، پسند ناپسند ۾ جذبات ۽ احساسات جي نوعيت ۾ ۽ طرز زندگي وغيره ۾ ان جي راحت جو سامان، ٻين جي راحت جي سامان ڪان مختلف هوندو آهي.

اسم ذات (الله) جو نالو جيڪو دل جي اونهاين ۾ هجي، اهو زندگيءَ ۾ جيڪو به انقلاب پيدا ڪري گهٽ آهي، پر مستقل مزاجي شرط آهي.

مراقبي سان فرد هڪ نئين دنيا ۾ اچڻ لڳندو آهي، ڪيفيتن ۾ تبديلي جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، هنن ڪيفيتن ڪان بي نياز ٿي مستقل مزاجيءَ سان فرد کي الله جي نالي جا مجاهدا ڪرڻ گهرجن، ايئن ڪيفيتن ۾ آهستي آهستي بهتري ايندي ويندي آهي.

قرآن پاڪ ۾ مختلف جاين تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي ته"دنيا جو سامان دوکي ۾ وجهڻ واري شئي آهي، الله جي اسم ذات جو ذڪر فرد کي دوکي جي هن ساز و سامان ڪان مٿي ڪڍي، محض الله جي لاءِ زندگي گذارڻ جا ڏانءَ ڏسي ٿو ۽ آماده ڪري ٿو.



دنيا جي خوبصورتي ۽ خوشنمائي جديد انسان کي ايئن پنهنجي گرفت ۾ ورتو آهي جو ماڻهو ان جي سحر مان نڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي، الله جي اسم ذات ۾ اها طاقت ۽ نور موجود آهي، جيڪو فرد کي دنياوي سونهن ۽ موه ڪان آجو ڪرڻ ۾ فيصله ڪن ڪردار ادا ڪري ٿو، پر ذڪر ۽ مراقبي جي واٽ انهن پاڳوارن جي لاءِ کلي ٿي جيڪي دنيا ۾ گهڻو ملوث ٿيڻ ڪان بچڻ ۽ دنياوي مصروفيتن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ تيار هجن، اهڙا ماڻهو جيڪي دنياوي مشاغل ۾ گم ٿا رهن، انهن جي لاءِ ، ۽ عهدو ۽ منصب رکڻ وارن ماڻهن جي لاءِ هن روحانيت جي راه تي گامزن ٿيڻ تمام ڏکيو آهي، جيڪڏهن هو وقتي جذبي تحت اچن به ٿا ته ٿوري ئي عرصي ۾ فرار جي راه اختيار ڪرڻ ٿا لڳن.

الله جي ذات بي نياز آهي، انهن جي لاءِ اها واٽ کولي ٿو جيڪي دنيا ۽ مال مان پنهنجي حصي ڪان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار هجن، ۽ عهدي ۽ اقتدار سان به طبعي مناسبت نه رکندا هجن، ڇاڪاڻ ته عهدي ۽ منصب سان وڏپڻ جا اجزاء مزاج جو حصو بنجڻ لڳن ٿا، جيڪي فرد کي هن واٽ تي هلڻ نٿا ڏين.

ذڪر ۽ مراقبي جي راه تي اچڻ ڪان پوءِ فرد کي هڪڙو ئي خطرو درپيش هوندو آهي ته ڪٿي هو نفس ۽ ماديت جي قوتن جي زير اثر ذڪر جي واٽ تان ٿڙي نه وڃي، اهو خطرو طالب کي ڪجھ عرصي تائين لاڳو ٿو رهي، موجوده معاشري جي نوعيت به ڪجهه اهڙي قسم جي آهي، جو ان ۾ هن اعتبار سان خطرا ئي خطرا درپيش آهن.

محمد موسيٰ ڀٽو
عبدالغني دايو مستقل سلسلو

## نفس جي سڌاري جو طريقو

### ۽ زندگيءَ جو دستور العمل

### نفسي طاقتن کان ناواقف ماڻهو ۽ دعوتي ڪم

انهيءَ سوال جي جواب ۾ ته ڇا دعوتي ڪم هر حال ۾ مٿانهون آهي، پلي پنهنجو سڌارو ٿئي نه ٿئي؟ فرمايائون ته موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان صحيح ڳالهه چوڻ ۽ جيڪڏهن ڪا برائي هجي ته وڏي سمجهه ۽ ڏاهپ سان انهيءَ کي وائکو ڪرڻ يا علمي ۽ تقريري صلاحيتن ديني مقصدن لاءِ ڪم آڻڻ ضروري آهي، پر تزڪيه ، تربيت ۽ اندر جي سڌاري واري سرشتي ۽ نفسي طاقتن جي جزن کان اڻ سونهن ماڻهن کي جيئن ته صبر، حڪمت، ۽ انسانيت جي مرتبن جو مشاهدو نه



هوندو آهي تنهن ڪري ڪين دعوتي ڪم ۾ جزوي صلاحيتون ئي ڪم آڻڻ گهرجن، سندن لاءِ پهريون ڪم پنهنجي تربيت ۽ تزڪيه وارو آهي. پنهنجي نفس جي ڪشادي دنيا کان سونهون ٿيڻ جو ڪم آهي. جڏهن ماڻهو اماره ۽ لوامه نفس کان وڌي مطمئن نفس جي پهرين درجي تي پهچي ٿو ته مٿس ايمان واري نور جي حقيقت اهڙيءَ ريت چٽي ٿي وڃي ٿي جو دعوتي ڪم لاءِ منجهس گهربل صلاحيتون پنهنجو پاڻ پيدا ٿي پون ٿيون، سندس شخصيت ۽ ڪردار نورانيت سان پر جي زندگي ئي دعوت بڻجي وڃي ٿي ماڻهو انهيءَ جي زندگي ڏسي ۽ انهيءَ تي تربيت ۽ محبت ۾ اچي پنهنجي زندگين ۾ انقلاب محسوس ڪرڻ لڳندا آهن، اهو خاموش دعوتي ڪم آهي، جيڪو هزارين تقريرن ۽ تحريرن کان به وڌو آهي ۽ باطني روشنيءَ ذريعي ماڻهن ۾ ايمان جو نور پري ڪين نفس ۽ ماده پرستيءَ جي طاقتن خلاف شيهي جي پت وانگر پختو بڻائي ڇڏي ٿو.

پهرئين دور جي مسلمانن قتال/ جهاد کان به وڌيڪ جنهن شيءِ وسيلي سوين قومن جي زندگين ۾ انقلاب برپا ڪيو ۽ ڪين اسلام جي ڇانو ۾ آندو اها اخلاق ۽ ڪردار واري سگهه هئي ۽ بي نفسي، بي غرضيءَ للهيت وارا جوهر ئي هيا جيڪي ڪين ايمان جي نور ۽ حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي صحبت ۽ اصحابين سڀورن رضي الله عنهم جي ذريعي حاصل ٿيا هيا.

دعوتي ڪم جي گهرج مڃيل آهي، پر جيئن ته دعوت جو ڪم ايمان جي سگهه، ۽ الله سان مضبوط ناتي سان ئي ٿئي ٿو . انهيءَ ڪم ۾ جان توانائي ۽ روح جهڙن جوهر سان پيدا ٿيندي آهي، تنهنڪري هڪ حد تائين اهي صلاحيتون ضروري آهن.

### خليفي مامون جو هڪ خارجيءَ کان سوال:

خليفه مامون جو هڪ خارجيءَ سان بحث ٿيو ، مامون خارجيءَ کي چيو ته تو کي جو آخر اسان سان اختلاف ڪهڙي شيءِ تي آهي؟ هن چيو ته قرآن جي آيت ان الحڪم الله: تي اختلاف آهي.

انهيءَ آيت مطابق حڪم ۽ حڪومت الله جي آهي. ڪنهن انسان جو حاڪم ٿيڻ قرآن مجيد جي انهيءَ آيت مطابق جائز نه آهي.

مامون ڪيس چيو ته تو کي اها ڪيئن خبر پئي ته اها آيت قرآن مجيد جي ئي آهي. هن چيو ته امت جي اجماع ذريعي خبر پئي آهي، مامون چيو ته الله جي

نيابت جي حيثيت سان پانهن جي حڪومتي به اجماع آهي، امت جي هڪ اجماع ڪي مجي ٿو ۽ پئي اجماع ڪي نه ٿو مڃين اهو پڌي اهو خارجي ماڻ ٿي ويو .

حقيقت اها آهي ته معاشري جي مذهبي بٽيادن تي ورهاست جو وڏو ڪارڻ امت جي اجماع سان اختلاف ئي آهي.

## ايمان جي حقيقت نفس جي خرابين جي ازالي سان واڳيل آهي

حضرت مجدد الف ثاني جو پڌايل هي نڪتو گهڻو اهم آهي ته ڪامل ايمان جي حقيقت جو اخلاق انهيءَ وقت تائين نه ٿيندو ، جيستائين نفس جي خرابين جو ازالو نه ٿيندو ، ۽ نفس جون خرابيون فنائيت ڪان سواءِ نه ٿيون وڃن .

فنا جي مقام تي نفس جي هيٺائي انهيءَ ريت ٿيندي آهي ته نفس جي ارڏائي ختم ٿي ويندي آهي. اهو ئي اهو مقام آهي جتي ماڻهو جون اندروني نفسي طاقتون ساٿيون ٿين ٿيون. جڏهن نفس جي سگهه هيٺي ٿئي ٿي ته ايمان جي حقيقت چٽيءَ ريت ڏيکارجي ٿي .

## باطني علم جي جزن ڪان محروميءَ جا نتيجا
## امام غزاليءَ جي نظر ۾

حضرت امام غزالي لکيو آهي ته جنهن ماڻهو کي باطني علم مان ڪو حصو نه مليو هجي، ته انهيءَ ماڻهو جو ايمان جي حالت ۾ خاتمو ٿيڻ / مرڻ ۾ شڪ آهي. باطني علم جو مقصد ايمان ۽ يقين جي انهن حالتن جو علم آهي، جن سان ماڻهو صبح ڪان شام تائين عمل ڪري ٿو ، معنيٰ ته عملن جي پٺيان جيڪي جذباءِ محرڪ هوندا آهن تن جو علم اهو باطني علم قرآن ۽ سنت ڪان ڌار علم نه آهي پر انهيءَ ڳالهه جو علم آهي ته ماڻهو جيڪي عمل ڪري رهيو آهي سي خالص الله پاڪ لاءِ آهن يا نفسي مقصدن لاءِ آهن. يا رڳو رسم طور آهن. حديث شريف ۾ اهڙي علم بابت آيو آهي ته "استفت قلبڪ (پنهنجي عمل بابت پنهنجي قلب/ دل ڪان پڇو).

هن حديث شريف جو تفصيل هن ريت آهي ته ماڻهو پلي توهان جي عمل بابت ڪيتري به پلي راءِ ڏين، تن ماڻهن جي ڳالهه کي ترجيح نه ڏيو ، پنهنجي قلب/ دل جي راءِ ۽ فتويٰ کي صحيح سمجهو . هن حديث پٽاندڙ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته خبر پوندي ته قلب(سينو) دل انسان جي عملن جي صحيح نوعيت ۽ انهن جي تعين بابت وڏي مفتيءَ جو ڪردار ادا ڪري ٿو .



اهو قلب شروع ۾ هر عمل بابت حساسيت جو مظاهرو ڪندو آهي ۽ زندگيءَ تي پڌل عمل جي باري ۾ سخت رد عمل ڏيکاريندو آهي ۽ فرد کي اڪسائيندو رهندو آهي ته پنهنجي عمل کي صحيح ڪر، پر جيستائين ماڻهو قلب جي فتويٰ کي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي تنهن ڪري انهيءَ متعلق معاملي ۾ سندس حساسيت ختم ٿي ويندي آهي، مثال طور هڪ ماڻهو نماز نه ٿو پڙهي، شروع ۾ ته اهڙي عمل تي قلب وڏي بيزاري محسوس ڪندو آهي ۽ اندر ئي اندر ماڻهو کي اڪسائيندو رهندو آهي ته اٿي الله جو فرض ادا ڪر، پر دل جي ساندهه چوڻ کي رد ڪرڻ جي نتيجي ۾ انهيءَ عمل کي خراب سمجهڻ واري حساسيت پڻ ختم ٿي ويندي آهي.

اهو باطني علم فطرت جو خاصو هوندو آهي پر غلط تربيت ۽ غلط صحبت جي ڪري فطرت جي اها صلاحيت دٻجي وڃي ٿي، الله وارن جي صحبت ۽ خالص عبادت سان قلب جي اها صلاحيت اڀري اچي ٿي ۽ انهيءَ جي لڳاتار ارتقا ٿيندي رهي ٿي. هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جو معمولي عمل بابت پڻ ماڻهو جي حساسيت ايتري وڌي وڃي ٿي جو جيستائين سنت جي پابندي ۽ شريعت جي خلاف ۽ حق جي خلاف حرڪت ڪان ماڻهو نٽو مڙي تيستائين ڪيس سڪون نه ٿو اچي. باطني علم کي عمل پٺيان لڪيل عمل بابت موجود نيت جو علم پڻ چئي سگهجي ٿو ته جنهن نيت سان عمل ڪيو وڃي تنهنجو فرد کي پوريءَ ريت اندازو هجي ۽ الله جي رضا ڪان علاوه هر نيت رد ڪرڻ جي صلاحيت منجهس موجود هجي. انهيءَ کي تقويٰ جو علم به چئي سگهجي ٿو جيڪو سراسر قلب جو عمل آهي ياايهاالذين آمنوا ان تقويٰ الله يجعل لڪم فرقانا "اي امان وارو تقويٰ اختيار ڪيو ته توهان کي (هر معامله ۾ سنڌو ڪرڻ جي) صلاحيت عطا ڪئي ويندي." قلب جي انهيءَ صلاحيت کي زنده ضمير ۽ اماره نفس پڻ چئي سگهجي ٿو . نفس لوامه ترقي ڪري مطمئن نفس جي شڪل وٺي ٿو ، اهڙيءَ ريت نفس لوامه جي فتويٰ ڪان انڪار ڪرڻ جي روش سان ماڻهو نفس اماره جي ڪڏن ۾ ڪري ڪري پوي ٿو نفس اماره جي اها حالت اهڙي آهي جتي ماڻهو کي چڱائي لڱائي هڪجهڙي ڏيکاربي آهي. انهيءَ جي مثل ضمير جي جيئري ٿيڻ جون واٽون بند ٿي وينديون آهن، سليم فطرت جي

سجاڳيءَ جي گهرج آهي. جيڪڏهن سماج جي اثرن سان سليم فطرت متاثر ٿي وڃي ته صحبت سٺي ۽ پاڪ ماحول ذريعي سليم فطرت کي بحال ڪري لوامه نفس کي سگهاري حالت ۾ آڻي سگهجي ٿو .

## قومن ۽ ملڪن جي بڻياد جو سماج جي سڌاري سان واڳيل هجڻ

ملڪن ۽ قومن جو بڻياد سماج تي هوندو آهي، جيڪڏهن سماج ۾ اخلاقي موت موجود آهي ۽ انهن ۾ جيئرو رهڻ، اسرڻ، اڳتي وڌڻ ۽ قومي تعمير جي صلاحيت ۽ سگهه موجود نه آهي ته ملڪن قومن کي هٿرادو طور جيئرو رکي نه ٿو سگهجي، اخلاقي نصب العين کان وانجهيل سماج اخلاقي نصب العين کان وانجهيل قومن جا غلام ٿي ويندا آهن سماج کي تبديل ڪرڻ کانسواءِ سياسي تبديليءَ وسيلي قومن کي جيئرو رکي سگهڻ وارو نقطئه نگاهه صحيح نه آهي. اخلاقي نصب العين ٻه قسمن جا ٿيندا آهن، هڪ وحي ۽ مذهبي تعليم وارو ۽ ٻيو انساني تجربن جي بڻياد تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو قومي، ڪاروباري ۽ مفاد پرستاڻو نصب العين هوندو آهي جنهن سان جيتوڻيڪ ڪو پائدار ، ۽ مضبوط بڻياد نه ملندو آهي، تنهن هوندي به هر قسم جي اخلاقي نصب العين کان وانجهيل قومن جي مقابلي ۾ قومي ۽ ڪاروباري اخلاق به ڪنهن حد تائين سندن زندگيءَ جو ضامن بڻجي ويندو آهي ۽ ٻين قومن مٿان مادي غلبي جو ذريعو پڻ انهيءَ ڪري جو قدرتي قانون پٽاندڙ قومون اصولي ۽ اخلاقي بڻيادن کان سواءِ جيئريون رهي نه ٿيون سگهن، انهيءَ سان سندن گڏيل سرشتو بدديانتيءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ سياسي ۽ معاشي نظام صحيح رخ کان مڙي وڃي ٿو عام ماڻهو انصاف لاءِ واجهائيندا وتندا آهن مطلب اهڙين قومن جي زندگيءَ جو هر شعبو زوال جو منظر پيو ڏيکاريندو آهي، تنهن ڪري قومن ۽ معاشرن کي اخلاقي نصب العين سان سينگارڻ ، منجهن بلند مقصدن لاءِ زنده رهڻ جو حوصلو پيدا ڪرڻ ، نفسيات ۽ نفسي مقصد کان مٿي اٿڻ، ماڻهن ۽ قومن سان محبت جي جذبي سان قرباني ۽ ايثار جو نظام ٺاهي ڏيڻ قوم جي سڌار ڪن جو ڪم آهي، اهو فرض ادا ڪرڻ کان پهرين سياست ۽ سماجي زندگيءَ ۾ وڏا وڏا ڪم به ڪو موثر نتيجو ڏئي نه ٿا سگهن ۽ قومي رخ موڙڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري نه ٿا سگهن.



## الله وارن جي فنائيت ۽ انهيءَ سان هيبت جو طاري ٿيڻ

جيڪي الله وارا فنائيت جي آخري منزل تي وڃي پهتا آهن الله تعاليٰ انهن جي ڳالهائڻ وڏو تاثير رکيو آهي ۽ وڏن وڏن گهمنڊ وارن ماڻهن جي دلين ۾ انهن بزرگن جي هيبت ويهاري ڇڏيندو آهي. علامه اقبال هڪ الله واري جو ذڪر ڪيو آهي ته وقت جي بادشاهه جي هڪ عملدار جي سپاهيءَ بزرگ جي ڪنهن مريد کي بي گناهه مارڪٽ ڪئي ته اهو مريد روئندي روئندي بزرگ وٽ پهتو ۽ ڪيس دانهن ڏني ته درويش هڪ ڪاغذ تي هڪ جملو لکي بادشاهه ڏي موڪليو ته تنهنجي صوبيدار منهنجي مريد کي بي گناهه ماريو آهي، تنهن اهلڪار کي سزا ڏيو نه ته توهان جي بادشاهت توهان کان ڪسي ڪنهن ٻئي کي ڏني ويندي. بادشاهه خط پڙهي صفا ڏڪي ويو ۽ انهيءَ مهل ان اهلڪار کي برطرف ڪري ڇڏيو .

اهڙيءَ ريت ملتان جي بادشاهه جيڪو دهليءَ جي بادشاهه التمش جو ڏن ڀرو هيو تنهن التمش خلاف سازشون شروع ڪيون ته حضرت بهاءُ الدين زڪريا التمش بادشاهه کي انهيءَ سازش جي ڄاڻ ڏني ته ملتان جو بادشاهه سخت عتاب هيٺ آيو ، پوءِ بزرگ کي پنهنجي دربار ۾ گهرايائين حضرت سائين جيئن ئي دربار ۾ پهتو ۽ بادشاهه جي مٿس نظر پئي ته بادشاهه ڏڪڻ لڳو ۽ بزرگ کان معافي گهريائين ۽ کين احترام سان واپس موڪليو .

## نٺڙائپ ۽ عاجزي ذريعي عظيم سعادت ماڻڻ

عاجزي ۽ نهٺائي جي روش ۽ پاڻ کي ننڍو سمجهڻ جي واٽ وڏي سعادت جي راهه آهي. عاجزيءَ سان رهڻ وارو ماڻهو هن دنيا ۾ به گهڻن ئي فسادن کان بچي وڃي ٿو ۽ وڏا فائدا ماڻي ٿو هڪ قصو آهي ته هڪ فسادي جن هڪ امير ماڻهو جي ڌيءَ کي ڏاڍو تنگ ڪيو ، سندس جان ڇڏهڻ لاءِ بلڪل بهه تيار نه هيو انهيءَ همراهه گهڻائي عامل گهرايا پر اهو جن شيطان هجڻ سان گڏ پاڻ به عمليات جو ماهر هيو ،جنهن ٽي چار عامل ته ڪوٺي تي اونڌا لڙڪائي ڇڏيا. ائين ڪندي هڪ غريب همراهه هڪ ماهر عامل جي شڪل ۾ اچي پهتو ، جن ڪيس ڏسندي ئي چيس تون هتي ڇو آيو آهين مان وڏن وڏن عاملن سان حشر ڪري ڇڏيو آهي تون ته انهن

جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه آهين تون ڪي ته ٿاھوڪي سزا ڏيندس. انھيءَ غريب همراهه جن ڪي چيو ته مان عامل جي حيثيت ۾ تو وٽ نه آيو آهيان پر تو وٽ هڪ عاجزاڻو عرض ڪٽي آيو آهيان ته تمام غريب آهيان جي تون مون تي ترس ڪائي هن چوڪريءَ ڪي ڇڏي ڏيندين ته هي امير ماڻهو مون کي ڪجهه پيسا ڏيندو ۽ منهنجو ڪم ٿي ويندو ، تون ته بادشاهه آهين مون جهڙو مسڪين تنهنجي آڏو اچڻ جي جرئت ڪيئن ڪري سگهندو ، جن چيو ته مون کي تنهنجي عاجزيءَ واري ادا وڻي وئي آهي چڱو مان هلان ٿو .

## فسادي جنن جو قصو

جهڙيءَ ريت انسانن ۾ هر قسم جا ماڻهو آهن اهڙيءَ ريت جنن ۾ پڻ هر قسم جا جن هوندا آهن ، ڪي مسلمان ته مشرڪ ۽ ڪي ڪافر ، ڪي ته تمام گهٽا فسادي ۽ ڪي عامل جن هوندا آهن ، مسلمان جن جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ گهري وڃي ته ڪيس ڪيڻ سولو هوندو آهي. ڪافر ۽ مشرڪ جنن کي به دعائن جي اثرن سان ڪيڍي سگهجي ٿو ، پر عامل جن جيڪي وڏن مجاهدن وارا هوندا آهن ، تن ڪان جان ڇڏائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. پر تنهن هوندي به وڏن الله وارن بزرگن جي اڳيان اهي پڄي ويندا آهن پر اهڙن عامل جنن ڪان جان ڇڏائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هوندي آهي.

## دعوتي ڪم لاءِ حڪمت پرين صلاحيتن جي گهرج هوندي آهي

پنهنجي ذڪر جو ڳي سڌاري ڪان پهرين پين جو سڌارو ڪرڻ، سڌاري ۽ دعوت جي نانءَ تي سڌارڪ بڻجي ويهڻ ۽ ماڻهن جي ننڍين وڏين غلطين تي ڪين ٽوڪڻ مٿن تنقيد ڪرڻ ۽ اهڙي روش سدائين لاءِ اختيار ڪرڻ سان پين جو ته سڌارو ڇا ٿيندو پر پنهنجو سڌارو به خطري ۾ پئجي ويندو ، اختلاف ۽ هڪ ٻئي ڪان پري رهڻ جي هلت عام ٿي ويندي، انھيءَ ڪري جو سڌاري لاءِ دردمند دل جو هجڻ ۽ خيرخواهي ۽ محبت جا جذبا هجڻ ضروري آهن ، نه ته سڌاري جي نالي تي ٿيندڙ تنقيد سان سماج جو رد عمل ڪان بچڻ ڏکيو ڪم آهي ۽ پاڻ ڪي پڻ نفسياتي مونجهارن ڪان بچائڻ اوکو عمل ٿي پوندو آهي.



## سڌاري لاءِ حڪمت پري حل ۽ نگاهه گهرجي، جيڪا الله وارن جي صحبت سان ئي پيدا ٿيندي آهي

## الله وارن سان واڳيل هجڻ جو مطلب آهي شاهي دربار جو حصو ٿيڻ

جيڪو ماڻهو الله وارن جي صحبت ۾ اچي ٿو سو جڻ شاهي دربار جو حصو بڻجي وڃي ٿو . انھيءَ لاءِ شاهي دربار جا ادب سکڻ ۽ آقا جي غلاميءَ جا طور طريقا سکڻ آقا جي جلالت ۽ عظمت جو مشاهدو ماڻڻ، انھيءَ جي اطاعت لاءِ فنائيت جو مظاهرو ڪرڻ، غيرن سان ناتا ۽ وفاداريءَ جا هڙئي رشتا ٽوڙڻ ۽ هر وقت آقا جي لاءِ ڪنڌ جهائڻ، انھيءَ جي جلال ۽ جمال جي مظاهري دوران اعتدال جي حد ۾ رهڻ ضروري آهي. انھيءَ جي موٽ ۾ جيڪا نعمت ملي ٿي سان وڏي نعمت آهي ايتري وڏي جو انھيءَ ڪان وڌيڪ ٻي ڪا نعمت تصور ۾ نه ٿي اچي.

## هڪ جي غلاميءَ ڪان انڪار ٻين جي غلاميءَ جو ڪارڻ آهي

الله تبارڪ وتعاليٰ جو هي عجيب طريقو آهي ته جيڪو سندس دربار ۾ جهڪڻ ڪان نهڪار ڪري ٿو ته ڪيس ٻين جي درن تي جهڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو . تن پروري ۽ نفس پرستيءَ خاطر هڪ آقا ڪي ڇڏي ٻين ماڻهن کي آقا ۽ داتا سمجهي سندن غلامي قبولڻ ۽ انهن کي پنهنجي معاشي ۽ مادي ترقيءَ جو اڪيلو ذريعو وسيلو سمجهي سندن نوڪري چاڪري اختيار ڪرڻ، اهو مسلمان ته ڇا پر عام انسان جي شان جي به ابتڙ آهي، هڪ جي غلامي اختيار ڪري ڏسي ته ڪهڙيءَ ريت ٻين هڙني غلامين ڪان ڇوٽڪارو ملي ٿو وڃي، ۽ هڙني نفسياتي

اهنجائين ۽ مڙني فڪرن کان ڪيئن ٿو ڇوٽڪارو ملي، پر جڏهن هڪڙي در کان دور ٿي پنهنجو آئيندو ٻين دَرن سان ڳنڍيو وڃي ٿو ته پوءِ هڪ خاص نفسياتي ۽ مزاجي سانچو ٺهجي وڃي ٿو ، ۽ اهو سانچو فرد ۽ فردن کي الله واحد جي در تي جهڪڻ ۽ پنهنجو ن سموريون گهرجون ۽ اميدون انهيءَ سان ڳنڍڻ واري واٽ ۾ روڙو ٺهجي ٿو وڃي. اهڙيءَ ريت ٻين جي غلاميءَ واري رسوائيءَ سان گڏ سڄي زندگي ٻي ڇينيءَ جي ٽانڊن تي گذرڻ لڳي ٿي.

## نوجوانن کي سنڀالڻ جي گهرج

اڄ جو نوجوان هر طرح سان رحم جي قابل آهي، هڪ پاسي ته ڪفر جي طاقتن پاران هر وقت سندس جنسي جذبا ڀڙڪائي ڪيس جنسي مريض بڻائڻ جو پورو پورو بندوبست ٿيل آهي ته ٻئي پاسي ڪفر جي عالمي ادارن روزگار جي سمورن ادارن تي قبضو ڄمائي ڪيس معاشي طور ايترو ته نبل ڪري ڇڏيو آهي جو هو ٻن ويلن جي مانيءَ ڳيي لاءِ ترسي رهيو آهي، ٽئين پاسي هو اڻ ڳڻين ذهني ۽ نفسياتي بيمارين ۾ وڪوڙجي ويو آهي جو هو سک ۽ سڪون ڳولهيندو ٿو وتي.

مسئلن جو جبل آهي جنهن هيٺان اڄ جو نوجوان پيسجي رهيو آهي اهڙين حالتن ڪيس يا ته خودڪشيءَ جي واٽ وٺائي آهي يا ڪيس نشي جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙين حالتن ۾ نئين نسل جي رهنمائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جي وڏي گهرج آهي. محبت جي واٽ جا اهي پانڌيئڙا جيڪي سلوڪ جا ڪافي مقام طئه ڪري چڪا آهن تن کي اڳتي وڌي نوجوانن کي سنڀالڻ گهرجي ۽ کين وڏي سمجهه ۽ بصيرت ۽ ڏاهپ سان انهن بحرانن مان ڪڍي محبت جي واٽ تي آڻڻ گهرجي، ته جيئن زندگي سندن لاءِ بهشت جو نمونو ٺهجي سگهي.

## اسلام لاءِ عقلي اطمينان ڪافي نه آهي

اسلام لاءِ رڳو عقلي اطمينان ڪافي نه آهي پر پڪ جو مضبوط هجڻ پڻ ضروري آهي عقلي اطمينان سان صالح عمل جي سگهه پيدا ٿيڻ ۽ اعليٰ گڻ پيدا ٿيڻ اوکو ڪم آهي، گهڻن ئي مستشرقين اسلام تي ايترو پلو لکيو آهي جو حيرت ٿئي ٿي پر هو ايمان جي دولت سان مالا مال ٿي نه سگهيا اهو انهيءَ ڪري جو رڳو



عقلي اطمينان سان عشق جا ڪارنامه سر انجام ڏئي نه ٿا سگهجن. عقلي اطمينان سان محبوب لاءِ هر قسم جي ايثار ۽ فدائيت جي حالت پيدا ٿيڻ ڏکيو ڪم آهي، حقيقي محبوب جي راهه جو گهڻو تڻو سفر عشق جي ذريعي ئي طئه ٿيندو آهي، اهو نڪتو سمجهڻ سان ئي اسلام جو سچو فلسفو سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو ۽ عقليت جا هڙئي اوڪا ڪم سوڪا ٿي پون ٿا.

## درويشن جي محو واري حالت

هڪ الله واري سان وقت جو بادشاهه ملڻ لاءِ آيو بادشاه بزرگ کي چيو ته توهان اسان کي ياد ته ضرور ڪندا هوندو پر درويش ماٺ رهيو بادشاهه ٻيهر چيو ته توهان اسان کي ياد ته ضرور ڪندا هوندا ته درويش وراڻيو ته ها، جڏهن الله بادشاهه جي ياد ۽ سندس ذڪر کان غافل ٿيندو آهيان ته ٻين ماڻهن سان گڏ توهان به ياد اچي ويندا آهيو ۽ ذڪر خير پڻ ٿيندو آهي.

## ذڪر جي نور سان الله وارن جي شخصيت جي تعمير ٿيندي آهي

الله وارن جي شخصيت جي جوڙجڪ ئي الله جي ذڪر سان ٿيندي آهي، وڏن وڏن ولين سڳورن جو اهو تجربو ۽ مشاهدو آهي ته جيئن ئي ذڪر کان پر پرو ٿي ٻين ڪمن ۾ لڳا ته سندن دلين ۾ هلچل پيدا ٿي پئي ۽ اندر جي اڄ کين بي چين ڪري ڇڏيو ، جيئن ته الله جو حسن لازوال آهي ۽ انهيءَ حسن جو هر جلوه سچن عاشقن کي مصروف رکڻ لاءِ ڪافي آهي، تنهن ڪري الله وارن جي سڀ کان وڏي مصروفيت محبوب جي حسن جو مشاهدو ئي آهي. جيئن ته الله جي مخلوق کي الله ڏانهن آڻڻ ۽ الله جي محبت سان سرشار ڪرڻ ۽ ماديت ۽ نفس پرستيءَ جي طوفان مان ڪڍي روح ۽ دل جي غذا سان شناسا ڪرڻ جو الله وارن کي حڪم هوندو آهي تنهن ڪري الله جي حڪم سان ئي هو انهيءَ ڪم ۾ رڌل هوندا آهن پر حقيقت ۾ هر وقت محبوب جي ذڪر لاءِ سندن دليون تڙينديون ۽ ڌڙڪنديون رهنديون آهن.

هن دور جي هڪ الله واري بزرگ مولانا محمد الياس جي ملفوظات جي ڪتاب ۾ آهي ته تبليغ لاءِ وقت لڳائڻ ۽ دعوتي ڪم ڪندي دل الله تبارڪ وتعاليٰ لاءِ بي چين ٿيڻ لڳندي آهي ۽ جيستائين ڪجهه وقت خلوص (اڪيلائيءَ) جي

ذريعي ذڪر ۽ فڪر نه ٿيندو تيستائين دل کي آرام ۽ سڪون نه ملندو آهي. اهڙو ئي هڪ ملفوظ مولانا اشرف علي ٿانوي جو پڻ آهي، هڪ سوال جي جواب ۾ فرمايائين ته گهڻو ڳالهائڻ سان قبض پيدا ٿيندو آهي، پر ڇا ڪجي سڄي ملڪ مان ماڻهو اچن ٿا تن جي دلجوئيءَ لاءِ سندن مزاج پٽاندڙ انهن سان ڳالهيون ڪرڻيون پون ٿيون.

## رباني عالمن جي صحبت سان زندگين ۾ انقلاب برپا ٿيندو آهي

جن بزرگن کي زندگيءَ جو ڪجهه حصو ذڪر فڪر ۽ عبادت ۾ گذارڻ جو شرف مليو آهي تن جي منهن ۾ ايترو ته نور هوندو آهي جو حق جي راهه جي راهي طالبن جو مهينن جو سفر انهن بزرگن جي هڪ وقت صحبت سان طئه ٿي ويندو آهي ۽ نفس ۽ سماج جي سڌاري جو ڪم جيڪو هزارين عالم سڄي زندگي هٿي به نه ڪري، سگهن سو ڪم الله وارا پنهنجي صحبت جي ذريعي ڪندا آهن، انهيءَ ريت سندن صحبت سان لکين ماڻهن جي زندگين ۾ انقلاب برپا ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ ريت زندگيون نفس پرستي ڇڏي الله پرستي جي واٽ وٺنديون آهن.

افسوس هن ڳالهه جو آهي ته هاڻوڪي دور ۾ زندگيءَ جي چمڪ دمڪ معاشي خوشحالي ۽ آئيندي جي فڪر ۽ جديد تهذيب جي زنگيني ۾ رنگجڻ ۽ عقليت جي سحر ۾ ونجي وڃڻ جي ڪري نفس جي سڌاري جي خواهش ۽ تمنا ختم ٿي وئي آهي. پهرين ته الله وارن جي روحاني فيض رسائڻ واري صلاحيت جو انڪار آهي پر جي ڪٿي ميجو تي آهي به سهي ته اتي وري فيض پرائڻ جي طلب موجود نه آهي.

## ذڪر ۽ فڪر کي مقصد بڻائڻ سان دنيا ذليل ٿي آڏو اچي ٿي

آزمائي ڏسو ته ذڪر، فڪر ۽ عبادت کي زندگيءَ جو مقصد بڻايو وڃي ته استغنا/ بي نيازيءَ بي فڪريءَ جي اهڙي دولت نصيب ٿيندي جو وڏا وڏا امير، مالدار پڻ اهڙي زندگيءَ جو حرس ڪندا اهڙيءَ ريت دنيا ذليل ٿي توهان جي آڏو پيش ٿيندي . پر حق جو طالب دنيا کي دل جي گهراين سان ٺڪرائي ڇڏيندو ۽ گهرج کان وڌيڪ بلڪل به قبول نه ڪندو ، انهيءَ ڪري جو دنيا پاڻ نئين نئين



مصروفيتن جي طالب هوندي آهي جڏهن ته حق جي طالب جي ته رڳو هڪ ئي مصروفيت هوندي آهي اها مصروفيت آهي حق جو مشاهدو ۽ فيض پرائڻ .

## منتهي صوفي ۽ خلق جي خدمت جو ڪم

هڪ درويش هيو، وقت جو بادشاهه سندس معتقد هيو اها ماڻهن کي خبر هئي تنهن ڪري ماڻهو پنهنجا مسئلا ۽ معاملا کڻي بزرگ وٽ ايندا هيا، درويش انهن جون درخواستون بادشاهه جي خدمت ۾ رکندو هيو ، درويش پاران لڳاتار ماڻهن جا مسئلا پيش ڪرڻ جي ڪري بادشاهه نيٺ تنگ ٿي ويو ، ۽ درويش کان واعدو ورتائين اڳتي ماڻهن جو درخواستون نه کڻي ايندا، درويش چيو ته انشاءَالله اڳتي ائين ئي ٿيندو . درويش بادشاهه جي دربار مان اجا نڪتو ئي مس هيو ته هڪ پريشان حال همراهه اچي کيس الله جو واسطو ڏئي مدد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو درويش انهيءَ همراهه جو مسئلو کڻي بادشاهه وٽ موٽي ويو ته بادشاهه کيس چيو ته توهان ته واعدو ڪيو هيو ته آئينده ڪم جي معاملي ۾ نه ايندس. درويش چيو ته هن همراهه واسطو ئي جنهن هستيءَ جو ڏنو تنهن شهنشاهه هستيءَ کان مون کي شرم آيو ته اهڙي هستيءَ جو واسطو اچڻ کانپوءِ به مان انهيءَ جو ڪم نه ڪريان، توهان جي آڏو شرمساري ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. بادشاهه درويش جي ڳالهه ٻڌي چيو ته اڳتي لاءِ اوهان تي ڪا پابندي نه آهي. جڏهن به چاهيو ، هليا اچو .

## محبت جو فاتح عالم هجڻ

الله وارن کي الله جي مخلوق سان بنا غرض جي والهانه محبت هوندي آهي، دل سان ماڻهن جي دين ۽ دنيا جي ڀلائي گهرندا آهن سندن قلب/ سينو ايترو ته سليم ۽ رحم سان ڀريل هوندو آهي جو هو ماڻهن جون تڪليفون ڏسي نه سگهندا آهن، هو سڀ سان محبت ڪندا آهن، دين کان پري رهڻ وارن ماڻهن سان به هو سٺي نموني ملندا آهن ۽ ساڻن محبت ڪندا آهن، انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي ته هو سمجهندا آهن ته محبت دنيا جي فاتح/ محبت فاتح عالم آهي، محبت سان ئي دليون نرم ڪري سگهجن ٿيون محبت سان ئي دليون فتح ڪري سگهجن ٿيون. گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي ته الله وارن جي محبت ئي نفس پرست جي الله پرست بڻائي ڇڏيو آهي.

## نبوت واري نور مان فيضياب ٿيڻ ۽ اسلام جي نفاذ جي جدوجهد

جديد دور جو مسلمان نبوت جي نور سان بهره ور اهل الله جي محبت کان بي نياز ٿي تزڪيه نفس، سماج جي سڌاري ۽ اسلام جي غلبي لاءِ ڪيتريون رٿائون رٿي، پر انهن منصوبن سان رياست، سماج، ۽ ماڻهن جي سڌاري جي اميد بيڪار آهي انهي ڪري جو دين جي غلبي ۽ ماڻهن جي سڌاري جو ڪم دل سان تعلق رکي ٿو ، معاشري جي ماڻهن جي دل جيسيتائين نيڪيون قبول ڪرڻ ۽ حق سان محبت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ته اسلام کي طاقت جي زور سان دلين تي نافذ ڪرڻ جو تجربو سوڀارو ٿي نه سگهندو ، دلين جو الله جي محبت جي لذت ماڻڻ ايئن آهي جڻ زندگيءَ جي نئين تخليق ٿي هجي. جڏهن دليون ايمان جو مٺاس چکن ٿيون ته اسلام کي نافذ ڪرڻ جا بڻياد پختا ٿيڻ شروع ٿين ٿا اهڙا ماڻهو پنهنجي ذاتي زندگين ۽ پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ اسلام جي نفاذ جو عملي نمونو هوندا آهن، سندن سيرت ۽ ڪردار سان اسلام جو نور چمڪندو آهي. اهڙي سعادت اهل الله جي صحبت ذريعي ئي ملندي آهي،الله وارن جي محبت کان علاوه تقريرون ، تحريرون، ڪانفرنسون، گڏجاڻيون، سڌاري ۽ اسلام نافذ ڪرڻ واري ڪم ۾ مدد ته ڪري سگهن ٿيون پر اهي نفسن جي پاڪائي، الله جي محبت، الله وارن سان بي غرض محبت جهڙن معاملن ۾ اثر واريون شيون نه آهن.

## قرآن ۽ سنت کان بي نياز ٺلها صوفي

اسان لاءِ سند قرآن ۽ سنت ئي آهي، قرآن ۽ سنت جي جيڪا تشريح تفصيل ۽ مسئلا معلوم ڪرڻ جو جيڪو امت جو اجماع آهي اهو اسان لاءِ سند آهي پر بنيادي طور دستور العمل قرآن ۽ سنت ئي آهي. قرآن ۽ سنت جي ڀيٽ ۾ امت جي وڏي کان وڏي امام جو قول به سند جي حيثيت نه ٿو رکي، قرآن مجيد ۾ زندگيءَ جي وڏن وڏن مسئلن کان وٺي ننڍن ننڍن مسئلن بابت رهنمائي موجود آهي. سماجيت، معيشت، ڪاروبار، گڏيل توڙي شخصي زندگيءَ جو ڪو پاسو اهڙو نه آهي جنهن بابت قرآن ۽ سنت رهنمائي نه ڪئي هجي. سورت بقره، سورت توبه، سورت نور وغيره پڙهي ڏسو ته سُڌ پوندي ته الله پاڪ عائلي ۽ خانداني زندگيءَ کان وٺي ڪافرن سان وڙهڻ ۽ دشمنن سان ڪهڙو رويو هلجي جهڙن معاملن ۾ هٿ وٺي اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. قرآن مجيد سڄي زندگيءَ جو دستور آهي. حديث



شريف انهيءَ دستور جي تشريح جي حيثيت رکي ٿي، انهيءَ ڪري شخصي ۽ گڏيل زندگيءَ ۾ قرآن ۽ سنت جي حڪمن ۽ فيصلن کي اهميت نه ڏيڻ اسلام کان منهن موڙڻ مثل آهي صوفي سڳورا عام طور الله ۽ رسول سان محبت ڪرڻ تي زور ڏيندا آهن ۽ محبت کي ئي ڇوٽڪاري جي ڪنجي سمجهندا آهن ، اها ڳالهه هن حد تائين ته صحيح آهي محبت سان من ۾ اها سڪ پيدا ٿئي ٿي جنهن سان اسلامي شريعت جي هر حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي، پر محبت کي رڳو دل جو معاملو سمجهڻ ۽ عملي زندگيءَ ۾ قرآن ۽ سنت جي تعليم کان بي نيازي اختيار ڪرڻ ۽ تهذيبي ، معاشرتي، عائلي ۽ ڪاروباري زندگيءَ ۾ رسم ۽ رواج پٽاندڙ عمل ڪرڻ محبت جي دعويٰ ڪندڙن کي نه ٿو سونهين الله ۽ رسول صلي الله عليه وسلم سان محبت جي ڪسوٽي ئي شريعت آهي، زندگيءَ جو جيڪو به عمل شريعت کان ٻاهر آهي صبح کان رات تائين معيشت ۽ معاشرت جو اهو هر قدم الله ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حڪمن جي ابتڙ آهي. اهو انهيءَ جو ڳالهه جو ثبوت آهي محبت جي دعويٰ رڳو زباني دعويٰ آهي ۽ محبت اڃا تائين دل ۾ گهر ٺاهيو آهي ڪجهه صوفين وٽ نماز روزي جهڙن بنيادي فرضن کي غير اهم قرار ڏئي اصل زور ذڪر ۽ انسانيت نوازيءَ تي ڏنو پيو وڃي اهو ته سراسر اسلام کان منهن موڙڻ مثل آهي، نماز جي اهميت اها آهي ته نماز کي ڪفر ۽ اسلام جي حد قرار ڏنو ويو آهي، اهو اهڙو فرض آهي جيڪو ڪنهن به شڪل ۾ معاف نه آهي، ايتري اهم فرض جي حيثيت مجروح ڪرڻ حقيقي صوفين جي شان جي ابتڙ آهي.

مطلب ته اسان لاءِ اصل رهنمائي الله جو ڪتاب قرآن مجيد آهي، جنهن جو تفصيل حديث شريف آهي. انهيءَ جي صحيح تشريح اها آهي جنهن تي امت جو اجماع آهي، صوفين سڳورن جي سلسلن جو ته مقصد ئي اهو آهي ته نفس جو تزڪيو ڪري ان جي فاسد قوت کي نبل ڪري اسلامي تعليم تي عمل ڪرڻ سولو بڻايو وڃي، الله سان محبت جي اثر هيٺ قرآن ۽ سنت کي زندگيءَ جو دستور العمل بڻايو وڃي، جتي به اسلامي فرضن ۽ واجبن کي ضروري قرار ڏيڻ جي ڪوشش هجي، اتي اهو سمجهڻ گهرجي ته ماڻهن جي دين ۽ ايمان کي خراب ڪرڻ جو انتظام ٿي رهيو آهي. اهڙي قسم جي مجلسن ۾ ويهڻ کان ايئن ڀڄڻ گهرجي جيئن پنهنجي دشمنن ۽ مخالفن ۾ ويهڻ کان ڀڄبو آهي.

## منتهي صوفي جو ذڪر، قرآن جي تلاوت ۽ نفل ادا ڪرڻ

سلوڪ جي سفر ۾ نون ۽ وچ وارن مسافرن لاءِ گهڻو ذڪر ڪرڻ جو نسخو آهي. اهو ذڪر "الله" جو قلبي ذڪر هجي يا "لا اله الا الله" جو ذڪر هجي سيني سلسلن ۾ انهن ٻنهي ذڪرن ذريعي وڏي حد تائين محبت جو سفر طئه ڪرايو وڃي ٿو . نقشبندي سلسلي جو بنيادي ذڪر الله جي نالي جو مراقبو آهي، جڏهن مراقبي سان الله جي نور جا ڪرڻا قلب/ دل جي گهراين ۾ راسخ ٿي وڃن ٿا ۽ سڪر ۽ حال جي ڪيفيت ختم ٿي وڃي ٿي ته سالڪ منتهي جي درجي تي فائز ٿي وڃي ٿو . هاڻي سندس وڌيڪ سفر قرآن جي تلاوت ۽ گهڻا نقل پڙهڻ جي ذريعي ئي طئه ٿيندو آهي.

جيتوڻيڪ هر روز ڪجهه نه ڪجهه ذڪر جي ڪيس گهرج رهندي آهي پر تنهن هوندي به سندس الله جي محبت جو ارتقائي سفر قرآن جي تلاوت ۽ نفلن جي ادائيگي سان ئي طئه ٿيندو آهي. جيڪڏهن منتهي صوفي سڪر ۽ حال جي ڪيفيت ختم ٿيڻ باوجود سلسلن جي سبقن ۾ ئي لڳو رهندو قرآن ۽ نفلن جي ذريعي وڌيڪ الله سان ناتو مضبوط ڪرڻ جو انتظام نه ڪندو ته اهڙي سالڪ جي ترقي بيهجي ويندي آهي، هو اڳتي وڌي نه سگهندو آهي. تنهن ڪري منتهي لاءِ اهو نڪتو اهم آهي ته جيئن ته سندس سلوڪ طئه ٿي چڪو آهي ۽ قلبي مرض وڏي حد تائين پري ٿي چڪا آهن ۽ نفس تي ذڪر جو ڳي حد تائين ضابطو



حاصل ڪري چڪو آهي. سلسلن جي ذڪرن ۽ مراقبن جو مقصد ئي اهو آهي انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي سندس وڌيڪ ترقي الله جي ڪتاب قرآن مجيد جي تلاوت ۽ نفل ادا ڪرڻ سان ئي ٿيندي .

## انهيءَ ترتيب جي ابتڙ هلڻ سان سالڪ نقصان ئي پرائي ٿو

### ڪجهه وڏن صوفين جي سڪر واري حالت ۾ چيل جملن جي حيثيت

ڪجهه وڏن بزرگن سُڪر ۽ ڪشش واري حالت ۾ ڪي اهڙا جملا چيا آهن جيڪي اسلامي شريعت جي صفا ابتڙ آهين، جيئن ته انهيءَ وقت هو ذهني اعتبار کان شعوري حالت ۾ نه هوندا آهن، محبوب جي نوراني تجلين کي غلبي جي اثر ڪري مٿن مدهوشيءَ جي حالت طاري هوندي آهي، اهڙي حالت ۾ سندن زبان مان نڪتل ڪلام/ ڳالهيون نظر انداز ڪرڻ واريون هونديون آهن. جذب ۽ مستيءَ واري حالت ۾ صوفيءَ جي چيل ڪلام (ڳالهه کي اصطلاح ۾ شطحيات چيو ويندو آهي. هي مدهوشي ۽ معذوريءَ جي حالت ۾ چيل ڪلام هوندو آهي، تنهن ڪري تصوف ۽ اهل تصوف جي نظر ۾ انهيءَ ڪلام جي ڪا به حيثيت نه هوندي آهي، جهڙيءَ ريت گرمي جي موسم ۾ سخت اُس ۾ هڪ يا ٻه ڪلاڪ سج کي ڏسڻ جي ڪري ڪجهه دير لاءِ اکين ۾ سج سمائجي ويندو آهي ۽ پيو ڪجهه به نظر نه ايندو آهي. اها ئي حالت صوفين سڳورن جي به ٿي وڃي ٿي. نوراني تجلين جي ڪري ۽ حال جي استغراق سان انهيءَ وقت هو ايترو ته فنا ٿي ويندا آهن جو اسرار جي حالت ۾ اهي شطحيات وارا ڪلما /جملا سندن زبان نڪرندا آهن. اهي جملا يا اهي ڳالهيون جيئن وحدت واري حالت جو نتيجو هوندو آهي تنهن ڪري اهي نه رڳو اهو ته ڪنهن اهميت واريون ڳالهيون نه هونديون آهن پر انهن ڪلمن (شعرن) جملن جي تشريح ڪري انهن جي صحت لاءِ (صحيح هجڻ لاءِ دليل ڏيڻ اهو سڀ ڪجهه اسلامي شريعت کي مجروح ڪرڻ برابر آهي.

اسان لاءِ اصل سند ته قرآن ۽ حديث ئي آهي. جتي قرآن ۽ سنت جي تعليم جي ابتڙ ڏيندو هجي ته اهي فقرا، اهي جملا، اها تعليم رد ڪرڻ جي لائق هوندي آهي.

قرآن مجيد ۾ آهي ته ”ان الدين عند الله الاسلام“ (بيشڪ الله وٽ قابل قبول دين اسلام ئي آهي) ٻي آيت ۾ آهي ته ”ومن يتبع غير الاسلام دينا فلن يقبل منه“ (جيڪو اسلام کان علاوه ٻيو دين پيش ڪندو ته اهو ڪائنس قبول نه ڪيو ويندو ).

الله وارن جي اهميت پنهنجي جاءِ تي پر انهن کان هزارين ڀيرا وڌيڪ اهميت قرآن ۽ سنت جي آهي.

وڏي کان وڏي شخصيت جو اهڙو ڪو قول / جملو / شعر وغيره جيڪو قرآن ۽ سنت جي ابتڙ هجي سو بي وزن هوندو صوفين جي احترام ۾ انهن جملن / قولن جي توجيهه ڪئي ويندي، جيئن ته اهي اهڙي حالت جا قول هوندا آهن جنهن ۾ هوش ۾ نه هوندا آهن تنهن ڪري اهي معافيءَ جي قابل هوندا آهن پر اهڙا صوفي پاڻ ئي جڏهن سُڪر ۽ جذب جي حالت کان ٻاهر ايندا آهن ته اهي پنهنجي ئي اهڙي ڪلام کي مڃڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن.
اهڙيءَ طرح جو ڪلام جيڪو وحدت الوجود واري حالت ۾ ڏيو آهي جنهن کي پوءِ وحدت الشهود ۾ اچي هو پاڻ ئي نه مڃيندا هجن ته اهڙو ڪلام عوام ۾



عام ڪرڻ ۽ انهيءَ جون تشريحون ڪرڻ ۽ ڪتاب لکڻ جو ڪم نه ته تصوف جي خدمت آهي نه ئي تصوف وارن جي ۽ نه ئي اها ڪا دين ۽ شريعت جي خدمت آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو مستقل سلسلو

## اسلام بابت شڪ شبها

## ۽ انهن جا جواب

### جهاد جي باري ۾ غلط فهمي:

جهاد بابت جي ايم سيد صاحب جو اهو تصور غلط آهي ته جهاد تشدد يا ڀين تي زوريءَ پنهنجو دين مڙهڻ ۽ ڪين مسلمان بنائڻ جو طريقو آهي. جي جهاد زور زبردستي جو نالو ناهي ته پوءِ آخر اهو ڇاهي؟ جهاد دراصل فتني فساد کي ختم ڪرڻ ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جي طاقتن جو ڪنڌ مروڙڻ جو نالو آهي.

وقاتلوهم حتيٰ لاتكون فتنته.

انهن سان وڙهو، جيستائين جو فتنو باقي نه رهي.

يعني اسلام ۾ جهاد جي ضرورت ۽ اجازت ان وقت آهي، جڏهن مسلمانن کي پنهنجي دين تي عمل ڪرڻ کان روڪيو وڃي ۽ انهن تي ظلم ۽ ستم روا رکيو وڃي، انهيءَ صورتحال کي اسلام (Presecution) پرسيڪيوشن جو نالو ڏي ٿو. اهڙي حالت ۾ اسلام ظلم ۽ زيادتي جي جواب ۾ جهاد جي اجازت ڏي ٿو ۽ اهو به صرف امن برقرار رکڻ ۽ عدل قائم ڪرڻ خاطر، ايستائين جو دشمن سان لڙائي جي صورت اسلام حد کان وڌي وڃڻ، ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ ۽ مخالفن کي بي گهر ڪرڻ جي سختيءَ سان منع ڪري ٿو. قرآن ۾ آهي:



اذن للذين يقاتلون بانهم ظلمو وان الله عليٰ نصرهم لقدير الذين اخرجوا من ديارهم بغير حق الا ان يقولوا ربنا الله. (سورة الحج آيت 39-40)

هاڻي انهن کي لڙائي جي اجازت ڏجي ٿي، جن سان لڙائي ڪئي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن جي مٿان سخت ظلم ٿي چڪو آهي. بيشڪ الله انهن جي مدد ڪرڻ تي قادر آهي. جيڪي بنا سبب پنهنجي گهرن کان ڪڍيا ويا محض ان ڪري جو اهي چون ٿا ته الله اسان جو رب آهي.

وقاتلوا في سبيل الله الذين يقاتلونكم ولا تعتدوا ان الله لا يحب المعتدين. (سورة البقر آيت 190)

۽ الله جي واٽ ۾ وڙهو، انهن ماڻهن سان جيڪي توهان سان وڙهن ٿا ۽ (لڙائي ۾) حد کان اڳتي نه وڌو (يعني زيادتي نه ڪيو) الله زيادتي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

جهاد (لڙائي) بابت اسلام جو هڪ خاص نظريو آهي جنهن جو بنياد هيٺين شين تي رکيل آهي.

(1) انساني تعلقات جي ڀيڙهه صلح ۽ تعاون جي جذبي تي قائم آهي.

(2) لڙائي رڳو علاج خاطر آهي، اها به صرف ان وقت هئڻ گهرجي، جڏهن حڪمت، وعظ، نصيحت ۽ سمجهاڻي جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون هجن.

(3) جڏهن لڙائي جي ضرورت پيش اچي وڃي ته ان کي ضرورت کان وڌيڪ جاري نه رکيو وڃي ۽ ان ۾ ظلم ۽ زيادتي کان بچڻ جي جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي.

(4) لڙائي ۾ شريڪ نه ٿيندڙن کي ڪو به نقصان نه پهچايو وڃي.

(5) جڏهن مخالف ڌر صلح ڏانهن هٿ ڊگهيڙي ته ان جو هاڪار ۾ جواب ڏنو وڃي.

(6) جنگي قيدين سان سهڻو سلوڪ روا رکيو وڃي. ٿي سگهي ته انهن کي يا ته ائين ڇڏيو وڃي يا وري فديو وٺي آزاد ڪيو وڃي.

اسلام جهاد ۽ لڙائي کي دشمن جي اسلام قبول ڪرڻ سان به مشروط نه ٿو ڪري بلڪ دشمن جيڪڏهن فتني ۽ فساد کان باز رهڻ جي ذميواري قبول ڪري ٿو ته لڙائي بند ڪرڻ لاءِ ان جو اهو اقرار ڪافي آهي.

هي آهن جهاد متعلق اهي احڪام، جيڪي قرآن ۾ بيان ڪيا ويا آهن، جن تي سڀ کان اڳ رسول الله ﷺ جن خود عمل ڪيو انهن کان پوءِ سندن خلفاءَ انهيءَ طريقي تي گامزن رهيا.

رسول الله ﷺ جن اٺن سالن جي مدت ۾ 27 لڙائيون لڙيون، ۽ پنهنجي ساٿين جي اڳواڻي ۾ 55 جهادي لشڪر موڪليائون. انهن سيني لڙائين ۾ ٻنهي ڌرين جي پاران ڪل ماڻهو جيڪي ڪم آيا، تن جو تعداد 918 آهي.918 ماڻهن کي 82 لڙائين ۾ ورهائجي ته في لشڪر اوسط مرندڙن جو تعداد 11ء20 نڪري ٿو. اندازو لڳايو ته حضور ﷺ جن جهاد جي ذريعي جيڪو عالمگير انقلاب برپا ڪيو، ان ۾ ڪل صرف 918 ماڻهو ڪم آيا. ڇا ايڏي وڏي انقلاب ۾ صرف ايترن ماڻهن جو ڪم اچڻ يا جهاد جي نالي تي ايڏي وڏي انقلاب ۾ فقط ايترن ماڻهن جي قرباني حيرت انگيز ڳالهه ناهي. ان مان جهاد جي خوفناڪ هجڻ جي ڳالهه ڪٿان نڪري ٿي دنيا ۾ لڙائين جي نالي تي ڇا ڪجهه نه ٿيندو رهي ٿو. دشمن جي آبادين کي تباهه ڪرڻ، انهن کي ناس ڪرڻ ۽ انهن جي هر شيءِ کي جائز سمجهڻ وغيره وغيره، ان جي ڀيٽ ۾ اسلام جهاد جي لاءِ جيڪي اصول ۽ شرط عائد ڪيا آهن، اهي ڪيڏا نه مهذب ۽ شائسته آهن. ان هوندي به اسلامي جهاد کي تشدد جو نالو ڏيڻ اهو سراسر زيادتي آهي. جهاد جي موضوع تي وڌيڪ تفصيلي بحث اسين جي ايم سيد صاحب جي "سنڌوءَ جي ساڃاهه" تي تنقيدي ڪتاب ۾ ڪنداسين.

## خدا جو انساني ۽ جسماني تصور ۽ جي ايم سيد:

جي ايم سيد صاحب الله تعاليٰ جي ذات لاءِ پڻ مغالطو ۽ شڪ شڪوڪ جي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيئن ته هو وحدت الوجودي آهي ۽ نه معلوم سندس مزاج تي ڀيا کهڙا کهڙا اثرات ۽ رنگ چڙهيل اٿس، ان ڪري هو اسلام جي الله جي واحد، غير فاني، غير شخصي، غير جسماني ۽ ڪامل ۽ اڪمل واري



تصور کي بگاڙي، ان جي جسماني هئڻ جو عقيدو پيش ڪري ٿو. ان لاءِ هو ثبوت طور مسلمانن جي مڄيل امامن جا نالا پڻ ڏئي ٿو ته ڏسو فلاڻا فلاڻا امام به انهيءَ خيال جا قائل آهن ته خدا جسماني وجود رکي ٿو. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريون سندس حوالو پڙهندا:

"ماڻهو ڪمزوريءَ، تڪليف، خوف ۽ بيماري جي حالت ۾ اڪثر ابتدا کان ڪنهن مدد لاءِ منتظر پئي رهيو آهي، ۽ انهيءَ مدد واسطي ابتدا کان وٺي هن ڪي مددگار يا معبود پئي چونڊيا آهن، جن کان مهل سر مدد يا آٿت وٺڻ لاءِ هو ملتجي پئي رهيو آهي، تاريخ جي ڳوڙهي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ان لاءِ هن ڪنهن وقت جانورن، جهڙوڪ: هاٿي شينهن، ڍڳي، واڳون، نانگ ۽ عقاب وغيره جي پرستش ڪئي آهي، ته ڪنهن زماني ۾ جبلن، دريائن، سمنبن، وڻن، باهه، ڌرتي، جن ڀوت، سج چنڊ ۽ تارن جي پوڄا ڪئي آهي. آخر ۾ خود ماڻهوءَ جي پرستش جو دستور پيو، جنهن ۾ قبيلن جا وڏا، جادوگر، مذهبي مهندار ۽ بادشاهه معبود ٿي ليکجڻ لڳا، ۽ اڳتي وڌي، بت پرستيءَ جو رواج پيو.

ان کان پوءِ، عالمگير مذهبن طرفان انهيءَ انساني تصور جو خدا مٿي آسمان ۾ ويٺل ڄاڻي، ان کي ڪائنات جي پيدا ڪرڻ، فنا ڪرڻ، ماڻهن جي رزق ڏيڻ ۽ هر معاملي تي نظر داري ڪري، انعام ۽ سزا ڏيڻ وارو سمجهي، ان جي عبادت ڪرڻ جو رواج وڌيو ويو. بائيبل جي ڪتاب "پيدائش" جي باب اول جي آير 26 ۾ ڄاڻايل آهي ته "خدا ماڻهوءَ کي پنهنجي صورت تي بڻايو." اهڙيءَ طرح عربيءَ ۾ به چوڻي آهي ته: خلق الله الادم عليٰ صورته. (معنيٰ آدم کي خدا پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو).

اهڙي طرح سان، ٻين مذهبن وانگر، مسلمانن به، ملا جي تشريح مطابق، خدا جي انساني تصور جا اصول قبول ڪري، ان جي عبادت ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن موجب خدا ستين آسمان تي ڪرسيءَ تي ويٺل هو، هن کي هٿ، پير اکيون، ڪن، منهن ۽ جسم هو، هو ساريءَ ڪائنات جو پيدا ڪندڙ، رزق ڏيندڙ، جزا ۽ سزا جو مالڪ ۽ ماريندڙ هو. پيغمبر حضرت محمد ﷺ معراج تي حضرت جبرئيل سان گڏجي وڃي ستين آسمان تي ويو هو. قيامت جي ڏينهن هو هيٺ لهي اچي ويهندو

سيني ماڻهن جا حساب ڪتاب سندس اڳيان تارازيءَ ۾ توري تپاسيا ويندا. پوءِ اهي ان موجب بهشت ۽ دوزخ ۾ موڪليا ويندا، وغيره مسلمانن جا نهايت مکيه امام ۽ عالم انهيءَ نظريي ۾ اعتقاد رکندڙ هئا، جهڙوڪ امام مالڪ بن انس رضه، امام احمد بن حنبل رضه، امام دائود بن علي رضه، ابن تيميه رضه ، ابن قيم رضه، ابن حزم رضه ۽ شوڪاني انهيءَ راءِ جا شمار ڪيا وڃن ٿا. (ڏسو "مذهب اسلام" از محمد عبدالغني) قرآن شريف ۽ حديثن مان اهڙي عقيدي جي فائدي ۾ ڪيترا حوالا پيش ڪري سگهجن ٿا. مثال لاءِ هيٺيون آيتون ۽ حديثون انهيءَ سلسلي ۾ پيش ڪري سگهجن ٿيون. (صفحو 97-98)

الله تعاليٰ جي ذات جي باري ۾ امام مالڪ، امام احمد بن حنبل ۽ امام تيميه جهڙن امام ڏانهن جسماني وجود جو تصور منسوب ڪرڻ ان ڪي ڪوڙ ۽ الزام کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي، انهن امامن جا پنهنجا لکيل سوين ڪتاب موجود آهن، انهن جي شخصيتن، خدمتن ۽ ڪارنامن تي پڻ سوين ڪتاب لکي ويا آهن، پر سواءِ مٿين ڪتاب جي ٻيو ڪنهن به ڪتاب ۾ خدا بابت انهن جي جسماني تصور جو ذڪر نٿو ملي، بلڪ علامه تيميه ته پنهنجي دور جي انهن ماڻهن جن کي معتزله چيو وڃي ٿو ، جيڪي خدا جي جسماني وجود جا قائل هيا، تن تي سخت تنقيدون ڪري، انهيءَ فڪر کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

اصل ۾ خدا جي جسماني وجود ۽ مڪانيت جهڙا تصور مسلمانن ۾ يوناني فڪر جي ذريعي ئي آيا هيا. بنو اميه جي دور حڪومت ۾ جڏهن دنيا ڀر جي علمن کي عربيءَ ۾ منتقل ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته يوناني فلاسفرن جا الاهيات متعلق بحث پڻ عربي ۾ شائع ٿيا، جنهن کان مسلمانن جو پڻ هڪڙو طبقو متاثر ٿيو ، جنهن کي متزله چيو وڃي ٿو. مسلمانن جو اهو طبقو جيئن ته علم ڪلام، فلسفي ۽ منطق کان متاثر هو ، ان ڪري خدا جي جسماني وجود ۾ تصور پڻ هن طبقي کي عقلي طور صحيح نظر آيو پر امام غزالي، امام ابن تيميه ، امام اشعري جي علمي تنقيدن جي ڪري هي تصور علمي دنيا ۾ پنهنجو موت پاڻ مري ويو.



انهيءَ تصور تي علامه ابن تيميه ۽ امام اشعري جي تنقيد لاءِ مولانا حنيف ندوي جا جوڙيل ڪتاب "مقالات المسلمين" ۽ "عقليات ابن تيميه" ڏسندا . امام غزالي ان موضوع تي جيڪو بحث ڪيو آهي جيئن ته اهو عام فهم ۽ مختصر آهي، ان ڪري هت اسين امام غزالي جي بحث جو خلاصو پيش ڪريون ٿا، جنهن سان جي ايم سيد جي مٿين عقيدي جي غلطي واضح ٿي ويندي ۽ اهو پڻ ظاهر ٿيندو ته اهو تصور سراسر غير اسلامي آهي، ۽ شرڪ جي ويجهو ڪندڙ تصور پڻ آهي.

## الله تعاليٰ جي ذات لامڪان آهي:

الله تعاليٰ جي ذات هر قسم جي مڪانيت کان بلند آهي. هو نه جاءِ والاري ٿي ۽ نه ڪا جاءِ ڪيس گهيري سگهي ٿي. ڇو ته جيڪا شيءِ ، ڪنهن جاءِ ۾ هوندي، يا ته هڪ هنڌ بيٺل هوندي يا چرندڙ هوندي . ٻنهي حالتن ۾ اها لازما حادثات (فاني) هوندي. اها ڳالهه الله تعاليٰ جي شان وٽان نه آهي. تنهن ڪري الله لاءِ اهو ئي عقيدو صحيح آهي ته هو لامڪان آهي.

## خدا جسم کان پاڪ آهي:

الله جو ڪو به جسم نه آهي ۽ سندس ذات مختلف جزن جي تاليف ۽ ترڪيب کان پاڪ آهي. ڇو ته مرڪب جي معنيٰ آهي، مختلف جوهرن جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ، پر جيڪا ذات لامڪان آهي، تنهن لاءِ لازم آهي ته ان جو جسم به نه هجي. جيڪڏهن ائين نه مڃبو ته پوءِ ان ذات لاءِ حرڪت ۽ سڪون، جوڙ ۽ ڪٽ، مقدار ۽ شڪل جون صفتون مڃيون پونديون، جيڪي سراسر جسم جون صفتون آهن.

## خدا نه جوهر آهي ۽ نه عرض آهي:

الله تعاليٰ جي ذات اهڙو جوهر (اصل شيءِ) نه آهي جيڪو ڪنهن جسم ۾ حلول (داخل ٿيڻ) ڪري وڃي ٿو ۽ جسم يا ڪنهن وجود سان شامل هجي، جيئن ته جسم حادث هوندو آهي تنهن ڪري ان جا عرض (عرض اهڙي شيءِ جيڪا ٻئي شيءِ جي آذار تي قائم هجي) به حادثات هوندا آهن ڇو ته عرض کي جسم کان ۽ جسم کي عرض کان ڌار نٿو ڪري سگهجي، پر جيئن ته الله تعاليٰ ازل کان موجود

آهي ۽ هن سمورن جوهرن ۽ عرضن کي وجود بخشيو آهي، تنهن ڪري ان کي عرض چوڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پيو ته علم قدرت ۽ حيات جون صفتون هڪ ئي وقت فقط انهيءَ ذات ۾ موجود هونديون آهن جيڪا مستقبل بالذات هجي.

## الله تعاليٰ طرفن جي صفت کان پاڪ آهي:

چو ته طرفن جو تصور اضافي ۽ حادث آهي، جيڪو انساني تخليق سان تعلق رکي ٿو.

الله تعاليٰ جي ذات طرفن جي تصورن کان پاڪ آهي چو ته سڀ طرف اضافي هوندا آهن. الله تعاليٰ انسان پيدا ڪيو آهي. انساني جسم ۾ مٿو، مٿي آهي، پير هيٺ آهن. ساڄو طرف ۽ کاٻو طرف پنهي هٿن جي ڪري پيدا ٿيا آهن؛ اهڙي طرح هلڻ جي ڪري اڳيان ۽ پويان جا لفظ ظاهر ٿيا. اهي سمورا لفظ انسان جي تخليق جي ڪري ظاهر ٿيا نه ته انهن طرفن جو پنهنجو ڪو به وجود نه آهي. ماڪوڙي جڏهن ڇت جي اندرئين پاسي هلي ٿي، تڏهن ماڪوڙيءَ لاءِ هيٺ مٿي جو مفهوم بلڪل بدلجيو وڃي. چو ته جنهن کي اسين مٿي چئون ٿا سو هن لاءِ هيٺ هوندو آهي، چو ته هو سندس پيرن هيٺان هوندو آهي ۽ جنهن کي اسين هيٺ سڏيون ٿا سو هن لاءِ مٿي هوندو آهي يا خلاءَ ۾ بيٺل هڪ نقطي لاءِ طرفن جو ڪو به تصور ڪري نٿو سگهجي. يا مثال طور جيڪڏهن انسان جي شڪل گول بال وانگر هجي ها ته طرفن وارو هاڻوڪو تصور هرگز نه هجي ها.

بهرحال الله تعاليٰ جي ذات ازلي آهي ۽ ازل ۾ طرفن جو ڪو به تصور نه آهي. الله تعاليٰ انساني عضون کان به پاڪ آهي تنهن ڪري هن لاءِ طرفن جو به سوال پيدا نٿو ٿئي. وڌ ۾ وڌ اسين جيڪڏهن خدا لاءِ مٿي هجڻ جو تصور ڪريون، ته به اهو ڪنهن ٻئي جسم جي ڀيٽ ۾ نٿا چئي سگهون. چو ته ائين چوڻ سان اسان کي الله لاءِ جسم جو تصور ڪرڻو پوندو جيڪو ٿي سگهي ٿو، اڳئين جسم جي ڀيٽ ۾ وڏو هجي يا ننڍو هجي يا ان جيڏو هجي. ٽنهي حالتن ۾ مقدار جي ضرورت پوندي، جنهن سان اندازو ڪبو آهي، پر الله جي ذات جسم ۽ مقدار کان پاڪ آهي.



سوال آهي ته جڏهن الله تعاليٰ لاءِ مٿي هجڻ جو تصور نٿو ڪيو وڃي، ته پوءِ دعا مهل هٿ آسمان ڏانهن ڇو ٿا کڻون؟ ان جو جواب هي آهي ته مٿاهون هجڻ ۾ ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي ته جنهن ذات کي اسين پڪاريون ٿا سو پنهنجي شان ۾ "پنهنجي جلال ۽ مرتبي ۾ اعليٰ آهي. بلند ۽ بالا آهي. سندس اقتدار ۽ بادشاهي هر شيءِ مٿان ڇانيل آهي.

قرآن مجيد ۾ اهڙا ڪيئي لفظ آهن، جن جي معنيٰ ۽ مطلب ظاهر لفظ مطابق نه آهي.

جيئن، وهو معکم اينما ڪنتم. (الحديد-17)

هو توهان سان گڏ هوندو آهي، چاهي توهين ڪٿي به هجو. ان مان مراد الله جو علم ۽ احاطو آهي، ۽ نه الله جو جسم يا عضوا.

قلب المومن بين اصبعين من اصابع الرحمان. (الحديث)

مومن جي دل رحمان جي ٻن آڱرين ۾ هوندي آهي.

ان جو مطلب الله تعاليٰ جون آڱريون نه پر الله جي قدرت ۽ طاقت آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو "افڪار غزالي علم وعقائد"، تصنيف مولانا محمد حنيف ندوي، شائع ڪندڙ اداره ثقافت اسلاميه لاهور).

بيان جو اهو طريقو اسلامي ادب ۾ ئي رڳو موجود نه آهي پر دنيا جي مختلف بهترين ادبي ۽ لساني ترڪيبن ۾ پڻ لڀي ٿو. جيئن انگريزي ۾ آهي: لوهي هٿ IRON HAND يا فولادي دل IRON HEART.

ان مان مراد لوهه جو ٺهيل هٿ لوهه مان ٺهيل دل نه آهي پر اهو سختي يا بي رحمي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. اصطلاحن يا لفظي ترڪيبن کي ڦيرائي گهيرائي انهن مان اهڙو مطلب ڪيڻ، جنهن سان خدا جو جسماني وجود ثابت ٿئي، اهو هر اعتبار سان غلط آهي. جيئن ته انسان جو عقل ۽ سمجهه محدود آهي، سندس نظر گهٽ آهي، ڪائنات جا لکين بلڪه ڪروڙين حصا اهڙا آهن جنهن تائين سندس نظر نٿي پهچي سگهي. اهڙو محدود عقل ۽ گهٽ نظر رکندڙ انسان جيڪڏهن ڪائنات جي خالق کي بنا وحي جي عقلي طور سمجهڻ لاءِ بحث مباحثا شروع ڪري ڏي ته ظاهر آهي اها ڳالهه انسان جي حيثيت ۽ مقام کان تمام مٿاهين آهي.

جيئن ته انسان کي سندس ذهني صلاحيت مطابق خدا بابت سمجهائي پڻ ڏيڻ ضروري آهي. ان مقصد لاءِ اسلام جيڪڏهن اهڙيون اصطلاحون اختيار ڪري ٿو ته جيئن يد الله فوق ايديهم (الله جو هٿ انهن جي مٿان آهي) ته ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته انسان وانگر الله کي به هٿ آهي. اهڙ قسم جي مثالن ۽ اصطلاحن مان مقصد فقط اهو آهي ته جيئن ته انسان الله جي ڪامل هستي کي سمجهي نٿو سگهي ان ڪري کيس سمجهه ۾ ايندڙ اصطلاحن ۽ مثالن ذريعي سمجهايو وڃي. اهو حقيقت جو اصلي اظهار ناهي، بلڪه اظهار حقيقت جو هڪڙو طريقو آهي.

## چونديل گروه ۽ جي ايم سيد:

جي ايم سيد صاحب جو اهو پڻ چوڻ آهي ته اسلام جي اها تشريح غلط آهي ته مسلمان وحدت، خيال ۽ عمل موجب عليحده چونديل قوم هئا، جن کي دنيا جي قومن جي رهبري ۽ اڳواڻي ڪرڻي هئي. (صفحو 136)

وڌيڪ لکي ٿو: مسلمان ڪڏهن به هڪ خيال جا نه رهيا آهن، جيڪي انهن کي هڪ جدا قوم سڏين ٿا سي يا ته تاريخ کان اڻ واقف آهن، يا ڏوکو ڏيڻ گهرن ٿا، پوءِ کي ماڻهو ڪٽي سندن مقصدن خاطر، انهن کي کهڙن به سهڻن ۽ وڏن لقبن سان سڏين. (صفحو 137)

## نسلي مسلمان ۽ حقيقي مسلمان جي وچ ۾ فرق:

بدقسمتيءَ سان جي ايم سيد صاحب نسلي مسلمان ۽ حقيقي مسلمان جي وچ ۾ فرق کي يا ته واقعي نه ٿو سمجهي، يا وري هو ڄاڻي واڻي انهيءَ فرق کي نظر انداز ڪرڻ چاهي ٿو. يقينن مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿيندڙ فرد نسلي اعتبار سان مسلمان چئبو، جيستائين هو اسلام جي اعتقادن جو انڪار نٿو ڪري، تيستائين کيس قانوني طور تي مسلمان وارا حق حقوق قائم ۽ برقرار رهندا، پر خدا جي نظر ۾ جنهن ايمان جي قدر قيمت آهي، اهو شعوري ۽ عملي ايمان آهي. نسلي مسلمان ۽ حقيقي مسلمان جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. انهيءَ فرق کي نه سمجهڻ جي نتيجي ۾ اسلام جي روح ۽ ان جي مزاج ۽ پيغام کي سمجهڻ ئي مشڪل آهي. اسلام انسانن جي جنهن گروه کي رهبري وارو مقام ڏي ٿو، اهي اهي مسلمان آهن، جيڪي ايمان عقيدي، ڪردار ۽ عمل ۾ انسانيت جو جوهر آهن جن پنهنجي سوچ، راءِ ۽ عمل کي اسلام جي عالمگير مقصدن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو



آهي. اهڙا فرد جيڪي ڌرتي تي خدا جي پروگرام کي پهچائڻ جو فريضو سرانجام ڏيندا هجن، جيڪي رسمي ۽ نسلي ايمان جي بجاءِ حقيقي مسلمان هجن، جن کان انسانيت کي فيض ئي فيض پهچندو هجي، اهڙن فردن جي باري ۾ عقل اها ڳالهه مڃڻ لاءِ بلڪل تيار آهي ته انهن کي ڌرتي تي خدا جو نمائندو قرار ڏنو وڃي ۽ بي مقصد زندگي گذارڻ يا مادي مفادن لاءِ زندگي وقف ڪندڙن جي ڀيٽ ۾ انهن کي افضل ۽ ڀلو سمجهيو وڃي. اها ڪا اهڙي ڳالهه ناهي، جيڪا سمجهه کان مٿيرو هجي يا جيڪا اچرج ۾ وجهندڙ چئجي.

جي ايم سيد صاحب جي مٿين ڳالهه ان وقت صحيح چئجي ها، جڏهن بي عمل، نفس ۽ پيٽ جي پوڄاري انسانن کي منتخب گروه ۾ شامل ڪيو وڃي ها. اسلام جي تعليمات جو مطالعو ڪرڻ سان اها ڳالهه پڌري پٽ ظاهر ٿي وڃي ٿي اهڙا فرد فقهي طور تي ته مسلمانن جي صف ۾ شامل ٿي سگهن ٿا (ڇاڪاڻ ته فقهه ظاهر کي ڏسي ٿي، ان جو ايمان جي گهراين سان واسطو ناهي) پر اهي ايمان ۽ عمل جي اعتبار سان ان لائق هرگز ناهن ته انهن کي خير امت جي گروهه ۾ شامل ڪري سگهجي. جيڪڏهن انهيءَ فرق کي واضح طور سمجهيو وڃي ته مٿين غلط فهمي دور ٿي سگهي ٿي.

هڪ زنده ۽ طاقتور نظريو قول ۽ عمل جي اعتبار سان جيڪو گروه تيار ڪرڻ گهري ٿو اهو نج نظرياتي ۽ عملي گروه آهي. دنيا جو هر عالمگير ۽ طاقتور نظريو ائين ئي ڪندو آهي ته اهو پهريائين دعوت جي ذريعي پنهنجي مڃيندڙن ۽ پوئلڳن جو هڪ گروهه تيار ڪندو آهي، ان جي ذريعي انقلاب برپا ڪندو آهي. انقلاب کان پوءِ جڏهن انهيءَ نظريي جي دعوت وسيع ٿي ويندي آهي ۽ اقتدار ۽ سياسي اثر جي ڪري ماڻهو هڪ ٻئي جي پٺيان انهيءَ ۾ دعوت شريڪ ٿي ويندا آهن ته پوءِ تعليم ۽ تربيت جو سلسلو ڪمزور ٿي ويندو آهي نتيجتا پراڻن رسمن ۽ غلط سوچن جي ماڻهن جي گهڻائي ٿي ويندي آهي. اسلام به هڪ نظريو آهي جيڪو سڄي زندگي لاءِ پروگرام ڏسي ٿو. اسلام جي بنيادي عقيدن ۾ جن شين کي پيڙهه جي پٿر واري حيثيت حاصل آهي اهي توحيد، رسالت ۽

آخرت جا عقيدا آهن، پر انهيءَ نظريي ۽ فڪري پهلوءَ سان گڏوگڏ اسلام زندگي گذارڻ لاءِ پڻ پورو نقشو ۽ لائحه عمل ڏئي ٿو ، جنهن کي شريعت چئجي ٿو .

## ڇا پوئلڳن جو غلط عمل نظريي جي غلط هئڻ لاءِ ڪافي آهي؟

هتي اهو بنيادي نڪتو پيش رکڻ ضروري آهي ته هڪ ته ڪنهن نظريي يا دين جي اصولي ۽ نظرياتي لائين ۽ فڪري رهنمائي هوندي آهي. ٻيو انهيءَ نظريي يا دين کي مڃيندڙن ۽ ان جي پوئلڳن جو ذاتي عمل هوندو آهي، اهي ٻئي شيون هڪ ٻئي کان مختلف ۽ ڌار آهن. نظريي يا دين جي تعليمات تي عمل نه ڪرڻ سان نظريي يا دين جي غلطي هرگز ثابت نٿي ٿئي. اها نظريي جي دعويدارن جي پنهنجي غلطي چئجي. جو اهي انهيءَ مطابق عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. نظريي جي بنيادي تعليم ۽ ان جي پوئلڳن جي عمل کي هڪڙي شيءِ سمجهي، ان تي تنقيد ڪرڻ، اها دانشمندي هرگز نه چئبي ها، جيڪڏهن نظريي جي تعليم تي عمل ڪرڻ کان پوءِ تجربي جي ڪسوٽي تي اها تعليم غلط ۽ ناقابل عمل ثابت ٿئي ته اها نظريي جي غلطي چئبي .

شريعت (جنهن تي عمل ڪرڻ ايمان جي علامت ۽ ان جو لازمي نتيجو آهي) جن معاملن بابت بحث ڪري ٿي اهي هيٺيان آهن:

(1) انسان جو پنهنجي رب سان ڪهڙو تعلق هئڻ گهرجي. (2) مسلمان جي پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان تعلق جي نوعيت ڇا هئڻ گهرجي. (3) مسلمان جو ٻين انسانن سان تعلق ڪهڙو هئڻ گهرجي. (4) ڪائنات بابت نقطه نگاه ڇا هئڻ گهرجي. (5) زندگيءَ سان تعلق جي نوعيت ڇا آهي.

اهي اهي مسئلا آهن. جن بابت اسلام رهنمائي ڪري ٿو ۽ بنيادي اصول ڏسي ٿو . سڄي زندگي انهن اصولن ۽ رهنمائي مطابق گذارڻ واري کي ئي صحيح چئي سگهجي ٿو .

### ايمان ۽ عمل جو معاملو :

ان مان معلوم ٿيو ته اسلام ايمان ۽ عمل جي ميلاپ جو نالو آهي. اها ڪا رسمي شيءِ ناهي. جو ڪنهن خاندان ۽ نسل ۾ پيدا ٿيڻ سان فرد پاڻ مرادو اسلام جي



نظرياتي گروه جو رڪن بڻجي وڃي ۽ ٻلي گروه جي لسٽ ۾ شامل ٿي وڃي. ان ڪري قرآن اها ڳالهه واضح ڪري ٿو :

ليس بامانيكم ولا اماني اهل الكتاب من يعمل سوءَ يجزبه ولا يجدله من دون الله وليا ولا نصيرا ومن يعمل من الصالحات من ذكر او انثيٰ وهو مومن فاولئک يدخلون الجنته ولا يظلمون نقيرا . (سورة نساءِ آيت 143)

ترجمو: نه توهان جي آرزن سان ٿي سگهي ٿو نه وري اهل ڪتاب جي آرزن سان، جيڪو بُرا ڪم ڪندو ، ان کي سندس بدلو ڏنو ويندو ۽ ان لاءِ خدا کان سواءِ ڪو به مددگار نه هوندو. مردن ۽ عورتن مان جيڪو به نيڪ ڪم ڪندو ، اهو صاحب ايمان به هوندو ته اهڙائي ماڻهو آهن جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا، ۽ انهن تي ڪو به ظلم نه ڪيو ويندو .

قرآن ۾ هڪ هنڌ آهي:

ياايها الذين آمنو آمنو .

اي ايمان وارؤ ! ايمان آڻيو .

يعني اهي فرد جن زبان سان ايمان آندو آهي، تن کي چيو وڃي ٿو ته توهان عمل جي ذريعي ايمان آڻيو .

ٻئي هنڌ آهي: ولما يدخل الايمان في قلوبكم .

ترجمو: توهان جي دلين ۾ اڃا تائين ايمان داخل نه ٿيو آهي.

فلا وربک لايومنون حتيٰ يحكموک فيما شجر بينهم ثم لايجدوا في انفسهم حرجا مما قضيت ويسلموا تسليما. (النساءَ – 65)

ترجمو: پوءِ تنهنجي رب جو قسم ، انهن جو ايمان معتبر ناهي، جيستائين اهي پنهنجي اختلافي معاملن ۾ تو کي فيصله ڪندڙ تسليم نه ٿا ڪن. تنهنجي فيصلي کان پوءِ پنهنجي دلين ۾ ڪا به تنگي محسوس نه ڪن . ڪلي طور تي اطاعت ڪن .

انهن آيتن جو تفسير بيان ڪندي برصغير هندستان جو وڏو مفسر مولانا حميد الدين فراهي لکي ٿو : ”ايمان جي جاءِ دل ۽ عقل آهي. عقل ۽ دل جي معاملن ۾ انسان نه فقط پاڻ کي پر ٻين کي به ڌوکو ڏيئي سگهي ٿو . بلڪ ڪڏهن ڪڏهن هو پاڻ به فريب ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو . اهو پاڻ کي مؤمن سمجهي ٿو . پر حقيقت ۾ هو مؤمن نه هوندو آهي. ان ڪري ايمان جون ٻه نشانيون ٻڌايون ويون آهن. هڪ زباني اقرار، ٻيو عمل جيئن ته نه فقط زباني اقرار ڪندڙ کي مؤمن قرار ڏنو ويو ، پر ضروري سمجهيو ويو ته فرد جو عمل به سندس ايمان جي گواهي ڏي ۽ سچائي ظاهر ڪري . “

مولانا فراهي وڌيڪ لکي ٿو: ايمان هڪ نفسياتي ۽ روحاني حالت جو نالو آهي، جيڪو انسان جي سيني عقيدن ۽ عملن جي مٿان حاوي آهي. ايمان جيئن علم سان وڌي وجي ٿو ، تيئن عمل سان به ان ۾ واڌارو ٿئي ٿو . ايمان جا ٻه رڪن آهن. هڪ علم ٻيو عمل. ان مان جيڪڏهن ڪنهن کي به ڇڏيو ويو ته ايمان جي سڄي عمارت ڊهي پوندي . هڪڙو شخص الله تعاليٰ جي خالق هجڻ ۽ دين جي سيني اصولن ۽ فروعن کان چڱيءَ طرح واقف آهي، پر جيڪڏهن اهو لڳاتار نافرماني ۽ گناهه ڪندو رهي ٿو ته اهڙو شخص انهيءَ ايمان کان خالي آهي، جيڪو الله تعاليٰ کي گهربل آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو ”مجموعه تفاسير فراهي“ امام حميد الدين فراهي، صفحو: 350- 351 )

قرآن جي انهن آيتن ۽ تفسير مان اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته اهي ماڻهو جن جو عمل اسلام جي عالمگير اصولن موجب ناهي ۽ جن جو ايمان زباني اقرار کان هيٺ لهي دل کي گهراين تائين نه پهتو آهي، انهن کي صحيح ۽ حقيقي مسلمان نه ٿو چئي سگهجي ۽ نسلي ۽ رسمي مسلمان کي خدا ڏانهن سڏيندڙن جي پلي گروهه ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ وضاحت کان پوءِ جي ايم سيد صاحب جي مٿين غلط فهمي دور ٿيڻ گهرجي ته هر مسلمان اهو توڙي ڪيڏو به ٻي عمل ڇو نه هجي اهو چونڊيل قوم ۾ شامل آهي.



## پلي امت جي تصور جي حقيقي توجيهه:

هينئر اسين انهيءَ معاملي جي هڪ ٻئي پهلو ڏانهن اچون ٿا. جڏهن دنيا جي باري ۾ اهو نقطه نگاه مڃيو وڃي ته هيءَ دنيا هڪ خالق پيدا ڪئي آهي، هن انسانن کي به هڪ خاص مقصد خاطر پيدا ڪيو آهي. جيئن ته هيءَ دنيا امتحان جي جاءِ آهي، ان ڪري انسان کي مڪمل اختيار ڏنو ويو آهي ته ان کي جيئن وڻيس تيئن ڪري. سندس عمل جي پڪڙ يا جزا ۽ سزا بروقت سگهو نه ملندي، پر زندگي گذارڻ لاءِ صحيح واٽ ڏيکارڻ ۽ خدا جي مرضي ۽ ان جو پيغام پهچائڻ لاءِ ڪنهن خاص گروه جو موجود هئڻ ڇا ضروري ناهي، اهو اهو سوال آهي جيڪو ڪائنات ۽ انسان بابت خدا جي مٿين تصور کي مڃڻ کان پوءِ پيدا ٿئي ٿو . ڇا عقل اهڙي گروه جي اهميت، ضرورت ۽ افاديت کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪڏهن ذهن تي ٿورو به زور ڏبو ته عقل فورا اها ڳالهه تسليم ڪندو ته يقينن ائين ٿيڻ گهرجي.

ان سلسلي ۾ ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته خدا جي پيغام ڏانهن سڏيندڙ اهڙو گروه دنيا ۾ پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ يا ٻين قومن ۽ گروهن کي گهٽ سمجهڻ جي بجاءِ اهو ته خود پاڻ کي عظيم جوابداري ۾ ورتل سمجهي ٿو . يعني (خير امته) بهتر امت جو تصور ته مسلمانن جي مٿان انسانن تائين خدائي پيغام پهچائڻ جي سلسلي ۾ عظيم ذميواريون عائد ڪري ٿو ۽ انسانن جي حوالي سان مٿن حق ۽ فرض لاڳو ڪري ٿو ، ته هو انسانيت کي صحيح واٽ کان واقف ڪن. توحيد جي دعوت ڏين ۽ آخرت جي زندگي ۾ جوابدهي جو احساس ڏيارين ۽ دنيا ۾ شرافت، رواداري ۽ محبت سان زندگي گذارڻ جي تعليم ڏين .

افسوس آهي جو جي ايم سيد صاحب مسلمانن جي غلط طرز عمل ۽ صحيح اسلامي تعليم جي فرق کي وساري اسلام بابت وڏين غلط فهمين ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. ڪاش! هو اصل حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ فطري دين جي پيغام ۽ تعليمات جي پروڙ حاصل ڪري.

ان مسئلي جو هڪ ٻيو پهلو به آهي، جنهن جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي جنهن سان جي ايم سيد صاحب جون پيدا ڪيل غلط فهميون دور ٿي سگهن ٿيون اهو پهلو هي آهي ته مذهب جي عالمگير اصولن جي تبليغ ۽ انهن تي عمل لاءِ ضروري آهي ته ڪنهن نه ڪنهن گروه کي منظم ڪيو وڃي ۽ جائز حدن اندر ان گروه جي مفادن جي به حفاظت ڪئي وڃي. ڪو به مذهب اهو نٿو چاهي ته جنهن گروه جي وسيلي هو عالمگير اصولن جي تبليغ ڪري، ان جي مفادن ۽ حفاظت کان ايتري غفلت ڪئي وڃي، جو اها قوم يا گروه دنيا تان ميسار جي وڃي، ان جو مثال ائين آهي جيئن هڪ قومي يا مذهبي اڳواڻ پنهنجي ذات لاءِ نه ، پر قومي يا مذهبي مشن لاءِ زنده رهڻ چاهيندو هجي پر جا پنهنجي جسم جي جائز ضرورتن پوري ڪرڻ کانسواءِ هو پنهنجي مشن جي ڪا خدمت ڪري سگهي ٿو ظاهر آهي ته نه ، ان صورت ۾ ان ۾ ۽ نفس جي پوڄارين جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جواب هي آهي ته انهن ۾ وڏو فرق آهي. هڪ مخلص مذهبي ليڊر جي سامهون پنهنجي ذات يا مفاد جي حفاظت، هڪ اعليٰ مقصد خاطر هوندي آهي پنهنجي ذات لاءِ نه هوندي آهي. هو رڳو پنهنجي اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذاتي ضرورتن ۽ نفس جي جائز حقن کي پورو ڪندو آهي. پوءِ جڏهن هو ڏسندو آهي ته سندس ضرورتن ۽ اعليٰ مقصد ۾ ٽڪراءُ پيدا ٿئي ٿو ته اهو اعليٰ مقصد خاطر ضرورتن کي قربان ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو آهي، ان جي مقابلي ۾ هڪ نفس پرست انسان پنهنجي غرض خاطر نه رڳو پنهنجو حق وصول ڪندو آهي پر ٻين جا حق به ماري پنهنجو مطلب حاصل ڪندو آهي. هن کي قوم جي نفعي نقصان سان ڪو واسطو هوندو آهي، هو هرحال ۾ پنهنجي لاءِ عيش، آرام دولت ۽ راحت طلب ڪندو آهي.

اهائي صورت قومي ۽ مذهبي تحريڪن جي هوندي آهي مذهب به پنهنجي علمبردارن جي حفاظت ۽ مفاد کي هڪ وسيلو سمجهي، اختيار ڪندو آهي ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪندو آهي پر ان کان اڳتي وڌي هو قوم جي ترقي ۽ عظمت جي پوڄا نه



ڪندو آهي، هو پنهنجي قوم کي جائز حق عطا ڪندو آهي. ۽ ان جي وجود جي حفاظت جو بندوبست به ڪندو آهي پر مذهب کي اها ڳالهه قبول نه آهي ته سندس قوم ٻين جي حقن کي پامال ڪري يا پنهنجي ترقيءَ خاطر ٻين قومن جي جائز مفاد کي نقصان پهچائي. ان ڪري نبين سڳورن پنهنجي قوم جي جائز مطالبن کي رد نه ڪيو ، نه وري انهن قومي رسمن رواجن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون جيڪي مذهبي ۽ اخلاقي اصولن جي برخلاف نه هيون.

## آخر فرضي ڳالهيون اسلام ڏانهن منسوب ڇو ؟

جي ايم سيد صاحب مسلمانن جي بعض رسمن ۽ روايتن (جيڪي ٻين مذهبن تان ورتل آهن) کي اسلام جي تعليمات جو بنيادي حصو سمجهي، انهن تي پڻ تنقيد ڪري ٿو . مثال طور مري ويلن کي ختما ڏيارڻ، ختمن مان اها اميد رکڻ ته مري ويل بخشيا ويندا يا تعويذن، ڌاڳن ، ڦيٽن ۽ چنڊن ۾ اعتقاد رکڻ. وغيره وغيره .

ڇا جي ايم سيد صاحب کي واقعي اهو علم ناهي ته مٿين رسمن جو صحيح اسلامي تعليمات سان ڪو واسطو ناهي ۽ اهي اسلام کان لاعلمي ۽ جهالت جو نتيجو آهن، جيستائين مري ويلن لاءِ قرآن شريف پڙهي، انهن کي ثواب پهچائڻ جو تعلق آهي ته اهو عمل تڏهن ئي ڪارائتو ٿي سگهي ٿو جڏهن فوتي جا پنهنجا عمل به طاقتور موجود هجن ۽ هو زندگيءَ ۾ پنهنجي لاءِ نيڪيون ڪمائي ويو هجي. اهڙي صورت ۾ ته قرآن شريف جي ختمي سان ٿورو کي گهڻو ثواب پهچي سگهي ٿو ، پر جنهن شخص آخرت لاءِ ماڳهين ڪجهه ڪيوئي نه هجي جنهن جو حقوق الله ۽ حقوق العباد جو خانوئي خالي هجي ان کي ختما ڪهڙو فائدو پهچائي سگهن ٿا. بهرحال مسلمانن ۾ رائج انهن رسمن جو اسلام سان ڪو به واسطو ناهي.اهي ريتون ٻين مذهبن جي پوئلڳن جي نقالي ۾ اختيار ڪيون ويون آهن ان ڪري انهن بابت اسلام تي ڏوهه ڏيڻ اهو سراسر زيادتي ۽ بي واجبي آهي.